# جي هِيئنڙي منجھ هُرن

ليکڪا ڪلا پرڪاش



# Je Heanarey Manjh Huran

جي هِيئنڙي منجھ هُرن

By Kala Prakash

info@SindhiSangat.com

# جي هيٺڙي منجهه هُرن

(سنڌ جي سفر جا تاثر)

Je Hearain Manjh Huran

## ڪلا پرڪاش

Kala Prakash

email: info@sindhisangat.com

## فهرست 01


بشير اِحمد بلالي 10
ظفر حُسن 18
عابده پروين ۽ غلام حُسن شيغ 30
اُنور ۽ نسرين 46
اَختر ۽ قاضي صاحب 52
تنوير عباسي ۽ قمرُ 58
مهتاب ۽ معبوب 68
سوڀو گيانچنداڻي 76
ڊاڪٽر حميده کهڙو 84
سليم ميمڻ 90
اَياز عالم اُبڙو 98
رشيد ڀٽي 112
مسٽر ۽ مِسز دولترام مهتاڻي 116
علي اَحمد بروهي 119


contd.

# فهِرست 02


مسٽر ۽ مسز پريم شهاڻي 121
پروفيسر اَياز قادري 124
ناصر مورائي 127
تاج بلوچ 130
بيدل مسرور ۽ نوجوان ساٿي 133
کيهر شوڪت 136
فهميده حُسين ۽ سلطانا وقاسي 139
شمس سرڪي 143
موهن گيهاڻي 156
موتي پرڪاش 168
آءُ ڪلا پرڪاش 186

Title: JE HINARE MANJH HURAN

Author : KALA PRAKASH

Year : Cheti Chand - 1987
Edition : First.
Copies : 500
Price : 40-00

Published by :
Shrikant Prakash
Jivan Kala Publications,
B-33, Aaram,
Vakola,
Santacruz (East),
BOMBAY-400 055.

Printed by :
Lachaman Sathi,
Sindhu Art Printers,
Rusi Mehta Industrial Bldg.,
Jairajbhai Lane,
R. S. Nimkar Marg,
Bombay-400 008. Phone : 892291

Dubai Add :
P. O. Box 106,
DUBAI (UAE)

ٿوريان ٽہ ٻہ ٽہ ٿرن، سرس ٿيا جي سون ڪان،
ٻول تنهن جا ٻاٽ ٻہ، ٻهہ ٻهہ جڪ ٽہ ٻُون،
جن سان روح رلي ويو، ڇوريان ٽہ ٻہ ٽہ ڇرن،
**جي هيئڙي منجهه هرن،**
سي سڀ سانديم ساه سين.

**ظفر حسن**

**جي**

**نالي !**

توکان وڇڙڻ جو غم سيني ۾ کڻي وقت گذاريو اٿئون. ان
غم ۾ روئڻ جو وقت به اسان کي نه مليو آهي. وقت ٻرندو
رهيو آهي، سال اڏامندا رهيا آهن. اسانجي بيگاني
زندگيءَ ۾ ظاهري طرح ڪا ڪمي نه رهي آهي، پر اندر ئي
اندر هڪ لڪل ڪمي هنيانءَ ڪتربندي رهي آهي. اها
ڪمي آهي تنهنجي گود ـ اي سنڌ جي ڌرتي! اسان تنهنجي
ڪوکيءَ هنج کي ڏاڍو ساريو آهي! ...مان سمجهان ٿي ته
مان، موتيءَ ۽ موهن جي جذبات جي به صحيح ترجماني
ڪري رهي آهيان. دل جي ان گفتگو کي مات اچي وئي
جڏهن اڏي بلاليءَ تي نظر پئي. هن هڪ ئي وقت موتيءَ
۽ موهن ٻنهي کي کڻي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀريو. مون کي ان
وقت ياءُ بلاليءَ سان دبئيءَ ۾ ٿيل پهرين ملاقات ياد اچي
وئي!

## بشير احمد بلالي

دبئيءَ ۾ هڪ شام جو اٽڪل ستين بجي، موهن گيهاڻيءَ جو فون آيو: ”موتي، تنهنجو هڪ دوست هن وقت منهنجي سامهون ويٺو آهي. هو اصل تنهنجي ڳوٺ دڙي جو آهي. توسان ملڻ لاءِ تڙپي رهيو آهي.“

”ته پوءِ ولي اچينس، هيڏانهن ئي.“ موتيءَ نهايت اُٻهرائيءَ وچان چيو.

اَٽڪل پندرهن ويهن منٽن جو اهو مختصر وقت موتيءَ لاءِ ڏاڍو ڏکيو گذريو!

دروازي جي گھنٽي وڳي ته موتيءَ اُٿلي وڃي دروازو کوليو. موتي ۽ سندس دوست جنهن نموني گلي مليا، سو نظارو ڏسڻ وٽان هو. سوفا تي ويهي ٽڪي وهڻ بعد هو ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا رهيا. نجاڻان ته هڪ ٻئي جي اکين ۾ ڇا ٿي ڳوليائون.

سندس دوست ئي شروعات ڪئي، ”مان ڌنڌي ڌاڙيءَ جي ڪم سان دبئيءَ ايندو رهيو آهيان. هن ڀيري ڪراچيءَ نڪرڻ وقت دوست ڀڳوانداس ذڪر ڪيو ته تون دبئيءَ ۾ آهين ۽ دبئيءَ ۾ انڊين هاءِ اسڪول جو پرنسپال آهين. بس، منهنجو سڪ ڦٽي پيو. چوان، بس تنهنجو ديدار ڪريان.“

موتي سُن ٿي هن کي ٻڌندو رهيو.

سندس دوست ڳالهائيندي ڳالهائيندي ڪٿي جهلڪون ڏيندو رهيو: آءٌ سوچيان پيو ته دڙي جي ڳوٺ ۾ هڪ ئي موتي هو، جنهن جو سڄو نالو موتي سکوامداس هو. هن

## ظفر حسن

ڪراچي ايئرپورٽ تي موتي ۽ ٻلالي ٻاهر ڳالهيون ڪرڻ ۾ مصروف هئا ۽ هنن کان ٿورو پري موهن ۽ مان سامان ڳولهڻ لاءِ بيٺا هئاسين ته هڪ حسين اتفاق ٿيو. موهن مون کان ٿورو پرڀرو ٽرالي هٿ ڪيو بيٺو هو ته ڪنهن اچي ڪائنس پڇيو، "هيءَ فلائيٽ گلف ايئر جي آهي؟ دبئيءَ کان آئي آهي؟"

"ها، بلڪل." موهن وراڻيو.

هن شخص چيو، "مان دبئيءَ مان آيل پنهنجن مهمانن کي ڳولهي رهيو آهيان ...... موهن گيهاڻي ......"

"مان ئي ته آهيان موهن گيهاڻي."

"مان ظفر حسن"

هو ٻئي هڪ ٻئي کي گلي مليا ته "ظفر پڇيو "۽ موتي پرڪاش ...... ڪٿا"

"اِڇها ڪٿا" موهن اِئين چوندي مون طرف ٿي آيو ته مون ٻڌي پنيان نهاريو. مون موهن ۽ ظفر جي گفتگو نه ٻڌي هئي، پر ظفر کي ڏسندي ئي دل آواز ڏنو ... اَڙي، ظفر ......

ظفر مون، کان پڇيو، موتي ڪٿي آهي؟"

مون ٻهرين ڪيس اِشاري سان ڏيکارڻ تي گهريو ته هتي بيٺو آهي موتي، ٻلاليءَ سان ڳالهائي رهيو آهي، پر پوءِ مان ظفر سان گڏ وڃي، ڪيس موتيءَ وٽ ڇڏي آيس!

هاڻي سوچيان ٿي ته سمهجهو پاءُ ظفر د ٻئي مان آيل

سنڌي اَدبي بورڊ سان ڪافي سال هن ياڻ جو واسطو رهيو ۽ اَدبي بورڊ کي اَلوداع ڪرڻ بعد هن پنهنجي پياري ساٿيءَ وليرام ولڀ سان گڏ 'آرسي' شايع ڪرڻ شروع ڪئي آهي. 'آرسي' جن به نظر مان ڪڍي هوندي سي اُن جي معيار جي ساک پريندا ... ۽ ها، اَڳتي هلي 'آرسي' جي معيار ۽ اَنمول ساهتڪ خزاني جي ساک، وقت پريندو. ساهت ڇپائڻ لاءِ ظفر پنهنجو پيسو سيڙائي پريس خريد ڪئي آهي. مان سمجهان ٿي ته هن جهڙي اُصول پرست ۽ خوددار شخص لاءِ اِهوئي بهترين طريقو آهي اَدب جي خدمت ڪرڻ جو. مون ڪيس گهڻائي دفعا ليکڪن کي چوندو ٻڌو ته لکو...لکو ڇو نه ٿا؟ جيڪڏهن نه لکندا ته باقي توهانجو ۽ منهنجو رشتو ڪهڙو رهندو؟ اَدب ئي ته اسان کي ملايو. ناصر موراڻيءَ کي منهنجي سامهون چيائين، ''توهين لکندا ته واه واه، نه ته توهان سان ڳالهائڻ بند.''

مون جڏهن ڪراچي ڇڏڻ وقت ساڻس موڪلايو پئي تڏهن ڪيس چيم، ''ظفر، تون پنهنجي سنڀال ڪجانءِ. تنهنجي صحت ۽ زندگي اسان لاءِ ڏاڍي قيمتي آهي.''

ظفر وراڻيو، '' توهين صرف لکو. مان بلڪل ٺيڪ رهندس.''

اَسانجي لکڻ سان ظفر نالي واري شخص کي ڇا ملندو؟ پر هو پاڻ کي سنڌ کان، سنڌي قوم کان، سنڌي ٻوليءَ کان ۽ سنڌي اَدب کان اَلڳ سمجهي ئي ڪين ٿو. جيڪو سنڌي ٻولي ڳالهائي ٿو ۽ سنڌيءَ ۾ لکي ٿو، جيڪو سنڌ جي آسودگيءَ جو تمنائي آهي ۽ سنڌي قوم جو سچو فرد آهي، اُهو ظفر جو دوست آهي، ظفر جي محبت جو حقدار آهي. ڪراچي ايئرپورٽ تي ملندي ئي پهرئين اَڌ ڪلاڪ جي اَندر

مون کي لکندي شرم ٿو اچي ته خود منهنجي ٽوڙي
منهنجي گهوٽ جي ڪن ڀائرن ڀينرن جو اولاد سنڌيءَ ۾ نه
ڳالهائيندو آهي- اسان شڪست کاڌل سپاهين وانگر ان
ڳالهه بابت لڙڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي. پر هاڻي مان ۽ منهنجو
گهوٽ، ٻئي ظفر سان انجام ٿا ڪريون ته پنهنجيءَ شڪست
جي احساس کي مٽائي، اسين به هن وانگر هرڪنهن سان
سنڌيءَ ۾ ڳالهائينداسين، ڀوءِ چاهي هو سنڌيءَ ۾ نه وراڻين!
هڪ ٻيو ڪم ظفر اسان تي رکيو آهي، اهو هيءُ ته هندستان
جي آزاديءَ وقت جڏهن ملڪ جو ورهاڱو ٿيو، تڏهن اسان
سنڌي هندن کي سنڌ ڇڏي وڃڻو پيو ۽ ڀارت ۾ وڃي
نئين سر زندگي اڏڻي پيئي، بلڪل ان طرح جيئن ڪنهن
اوچتي طوفان سبب ڪن پکين جا آکيرا اجڙي وڃن ۽ هو
ان طوفان جو هراس ۽ اونده اکين ۾ کڻي ڪنهن دور دراز
جڳهه تي وڃي، وري ڪک ڪک ميڙي پنهنجا آکيرا ٺاهين-
ته سنڌو هندن ان طوفان کي ڪيئن منهن ڏنو ۽ ڀارت ۾ وري
پاڻ کي ڪيئن اڏيو، ان موضوع تي اسين ڪو ڪتاب لکون.
ظفر اهو وڏو ڪم ڏسيو آهي. اسين دل و جان سان ڪوشش
ڪنداسين ته جيئن اهو ڪم سر انجام ڪريون. حقيقت ۾
ظفر کي ڇو ٿو چوڻو پوي ته ان موضوع تي اسين لکون!
ٿيڻ ائين کپندو هو جو سنڌي هندن مان ڪنهن جي قلم
مان، ورهاڱي بعد جيڪي مصيبتون نازل ٿيون، ان بابت ڪو
بي ساختو شاهڪار ملڻ کپندو هو! پر اهو بي ساختو اظهار
ادب ۾ ڇو نه ٿيو ان جو ڪارڻ مان نه ٿي ٻڌائي سگهان.
ٽوٽي جو لچ اچيم ٿي ته ائين ڪيئن ٿيو- جڏهن ظفر ۽
سليم ميمڻ به اهو سوال پڇيو تڏهن منهنجي من ۾ پهريون
دفعو اهو خيال آيو ته اسانجي ادب ۾ هڙي طوفاني موضوع

ٻہ ٻيار وارا، جيڪي عرصي کان هڪ ٻئي سان ملڻ لاءِ مانڊا
هئا ۽ سپنن ۾ ۽ جاڳ ۾ هڪ ٻئي کي ساريو هئائون تن
جي ملڻ جي سڀاڳي گهڙيءَ جو سک سهڻ کان ٻاهر هو.
اُن وقت جڏهن هو الڳ ٿي رهيا هئا ۽ موڪلائي رهيا هئا،
تڏهن گهڙيءَ جو سور به سهڻ کان ٻاهر هو!

# عابده پروين ۽ غلام حسين شيخ

هنن جو پاڻ ۾ روح جو رشتو آهي- جڻ صوفين واري مجازي عشق جي منزل پار ڪري روحاني منزل تي پهچي ويو آهي هنن جو رشتو! ان اتاهين منزل تي ڪين پهچايو آهي ’موسيقي‘- عابده پروين ڳائي ۽ اُدو شيخ جهومي. موسيقي هنن جي سر جو سوداءُ آهي. هنن ٻنهي جو سنڌ جي مٽيءَ سان پڻ روح جو رشتو آهي ۽ ٿنڀڪري سنڌ جي نگهبان شاعر شاهه عبداللطيف سان پڻ هنن جو روح جو رشتو آهي! اسان ڀٽ ڌڻيءَ جي درگاهه تي وڃي نه سگهياسين پر اُتي نه وڃڻ جي غم کي عابده اُن وقت گهٽ ڪري ڇڏيو جڏهن جڏهن هن شاهه تي ڳايو.

ڪراچي ايئرپورٽ تان ٻاهر نڪرون نه ڏسون ڪيٽرن ساٿين سان گڏ، عابده پروين ۽ غلام حسين شيخ به آيا آهن اسان سان ملڻ لاءِ. جنهن وقت عابده پروين ويجهو اچي چيو، ”اچو، توهان منهنجيءَ گاڏيءَ ۾ اچي وهو.“ تنهن وقت سچ ته اهو هو ته پنهنجو وڏو مانُ لڳم جو عابده پروين جهڙي فنڪار اسان کي ايئرپورٽ تي وٺڻ اچي ۽ ٽي چار ڪلاڪ اسانجو انتظار ڪري. هن کي هميشه وقت جي تنگي هوندي آهي ...

عابده پروين کي ڏسندي ئي ڪنن ۾ گونجڻ لڳو سندس آواز- هوءَ جڏهن دبئيءَ ۾ آئي هئي تڏهن اسين سندس پروگرام ٻڌڻ ويا هئاسين. هوءَ جنهن نموني شاهه عبداللطيف کي ڳائي ٿي اُن نموني، اُن تلفظ ۽ اُن سچائيءَ سان جيڪڏهن

پروين جي هڪ پروگرام ۾ مان حاضر هئس. مسٽر پريم شهاڻيءَ جي گهر ۾ دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنم ڏينهن ملهائجي رهيو هو. مان جنهن وقت پهتيس تنهن ويل عابده ڳائي رهي هئي:

جوڳي جادوگر دادا واسواڻي
جمنا جو جل - سنڌوءَ جو پاڻي

عابده اُهائي - ڳائڻ ۾ پاڻ وساري ڇڏڻ واري عابده. هن جون ڳائڻ ويل اَدائون مار يندڙ آهن. ٻڌندڙ هن کي ڏسندو به رهي ٿو ۽ جاچيندو به رهي ٿو ته هيءَ ڇويهن سالن جي نينگر، ڌرتيءَ تي موجود آهي يا آڪاس ۾ پهچي وئي آهي!

ڪراچيءَ ۾ پهچڻ جي ٻئين ڏينهن اَسان عابده جي گهر ماني کاڌي. اُهو پهريون دفعو هو جو اَسين ٽيئي- يعني مان، موهن ۽ موتي عابده جو گهر ڏسندا هجون. اُهو ننڍڙو ۽ سادو سودو گهر جنهن جي گهر ٻاهران نالي جي تختي سنڌيءَ ۾ لڳل آهي ۽ اُن تي ٺالو لکيل آهي:

## سارنگ لطيف جو گهر

اُهو سارنگ ٻن سالن جو آهي ۽ عابده ۽ اَدي شيخ جو نور-نظر آهي. اُن ننڍڙي سارنگ جي ماءُ عابده پروين مون کي ٻڌايو ته ڪيئن سارنگ لاءِ بلڪل ئي وقت نه ٿو ملي. هڪ ڏينهن جي ڳالهه ڪيائين. چيائين: مان گهر ۾ هئس ۽ پنهنجي بستري تي وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي ليٽي پيئي هئس. سارنگ ڊوڙندو اَچي منهنجيءَ ڇاتيءَ تي ليٽيو.

ويس. خوشيءَ ۽ فخر جي احساس سان ڀرجي عابده کي چيم، "اڙي عابده، مون کي خبر نه هئي ته ماڻهو توکي هن حد تائين سڃاڻن ۽ تنهنجو ديدار ڪين هن طرح مڇائي ٿو ......" هوءَ مرڪڻ لڳي.

وري چيومانس، "تنهنجي معنيٰ مان به پاڻ کي وڏو ماڻهو سمجهان نه ...... جو مان عابده کي هيترو قريب کان سڃاڻان!"

هوءَ کلي پيئي ۽ چيائين، "بس اَدي، ماڻهن جو اهو قرب ئي ته فنڪار کي جيئاريندو آهي نه."

ايتري ۾ هوٽل جبيس اچي وئي ۽ مان لهي پيس جو خبر هئم ته مولويءَ ۽ موهن سان گڏ ڪي ٻيا به ساٿي منهنجو اِنتظار ڪندا هوندا.

جيڪڏهن اسان کي عابده پروين ۽ شيخ غلام حسين جي تات لڳل هئي ته مانت هنن کي به ڪانه هئي. جتي جتي هنن لاءِ ممڪن هو، اُتي اُتي هو اسان سان ملڻ لاءِ ايندا رهيا. پريم شهاڻيءَ جي گهر مان اسين عابده کان موڪلائي ٽوٽ واپس جبيس ۾ پهتاسين ڇاڪاڻ ته تنوير عباسي ۽ قمر، محبوب ۽ ماهتاب اچڻا هئا. اُن سهڻيءَ شام جو، جڏهن به چند اڳيئي جبيس ۾ موجود هئا...... قمر ۽ ماهتاب، تڏهن عابده پروين اچي محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. هوءَ پن جڻن سان ملي جڏهن تنوير سان ملڻ لاءِ ڏانهس وڌي پئي، تڏهن چيائين، "مان پنهنجيءَ پيڻ سان ته ملان ... پوءِ ڀرائڙي پائي وڃي تنوير سان ملي. اُن شام جو اَدو شيخ چاهي پيو ته جلدي گهر وڃون. عابده جو به ڪجهه موڊ اهڙو ئي هو. شايد گهر جو اونو ستائي رهيو هون. پر جتي چار ديوانا ملي وڃن، اُتي ڪير ٿو

سڏيو آهي. موٽي چوي ٿو ته عابده پروين اُها فنڪار آهي جيڪا سرحدن جي حدن کان مٿي اُڀري آئي آهي ... تون ته اسانجي تقدير آهين ...

موٽيءَ طرف نهاريم. هو بلڪل راهه ويندي لنگهيل ڏوريل شخص وانگر ادي غلام حسين ۽ عابده پروين کي ڳرائتريون پائي، هنن کان موڪلائي رهيو هو ......

# اَنور ۽ نسرين

خدا ڪڏهن انسانن ۾ به گلن جهڙي سونهن ۽ خوشبوءِ پوئيندو آهي. خدا جي ان ڪرامت کي سڄدو ڪيوسين، جڏهن اَنور ۽ نسرين کي ڏٺوسين!

اَدي بلاليءَ جو گهر ڇڏڻ وقت اَسين فيصلو وٺي نڪتا هئاسين ته ٿوري دير ظفر ۽ قمر سان گڏ گذارڻ لاءِ اَنور ۽ نسرين جي گهر وينداسين. اُن بعد اَسين ڪنهن هوٽل ۾ وڃي رهنداسين. پر سچ اِهو آهي ته جيئن برسات پوڻ جو وقت نه هوندو آهي، تيئن عشق ٿيڻ جو به وقت نه هوندو آهي! ظفر جو ڀاءُ اَنور ۽ اَنور جي زال نسرين ٻئي اَهڙا ته سڪ ڀريا، ٻاجهارا ۽ مٺڙا ماڻهو آهن جو هنن سان عشق ٿيڻ ۾ اَسان کي ڪي ڪلاڪ به مشڪل لڳا هوندا. اَنور ۽ نسرين جو گهر تمام وڏو آهي پر گهر کان وڏي آهي سندن دل! اَسان کي اُن گهر ۾ رهڻ لاءِ لالچايو گهر ڌڻين، هنن جي سهڻن مهاندن ۽ شاهاڻي هلت. صرف مهمانوازي ڪن ها ته به ڳالهه سمجهه ۾ اَچي ها، پر هنن اَهڙو ته محبت جو مينهن ڪڻي وسايو جو اَسانجون دليون ڀڄي پيئون. اَسين ٻه ڏينهن پهرين ۽ ٻه ڏينهن آخر وارا، هنن وٽ رهي پياسين. اَسين هنن کي ڇڏي ئي نه پيا سگهون. ههڙي پيار کي پٺي ڏيڻ پنهنجي نصيب کي پٺي ڏيڻ آهي جيڪا اسان نه ڏني پر اسانجو پروگرام ڪجهه اهڙو هو جو اسانجو هوٽل ۾ رهڻ ضروري هو. هوٽل اهڙي، جيڪا ڪنهن مشهور ۽ سهوليت واريءَ ايراضيءَ ۾ هجي، جنهن ۾

انور ۽ نسرين جو گھر اسان لاءِ آرام گاھ ھو. اڄ بہ ھنن جي گھر جي ڪنڊ ڪنڊ اسانجي سامھون آھي- اُھي سوفا، جن تي ويھي ظفر اسان سان ڪيل گفتگو ٽيپ ڪئي ۽ ويڊيو فلم ڪيائي ... اُھي سڀ اکين اڳيان پيا ڦرن.

اھڙي آرام گاھ ۽ اھڙن سڀاجھن ماڻھن کان بہ موڪلائڻو پيو- ڪراچي ايئرپورٽ تي پھچڻ واري ڏينھن فقط انور ظفر سان گڏ آيو ھو، پر ٽڏھن اڃا سائنس واقفيت ئي نہ ھئي؛ پر موٽڻ واري ڏينھن ھو ٻئي ايئرپورٽ تي موجود ھئا! ۽ موڪلائڻ ويل جڙ دل مڃي نہ پيئي تہ ڪو ھنن سان صرف ١٤ ڏينھن اڳ ملاقات ٿي آھي ......

خدا انور ۽ نسرين کي شل اھڙو ئي رکي- سندن خوبصورتي ۽ خوشبوءِ ڏينھون ڏينھن وڌندي رھي - اسانجون دلي دعائون ......

گل جي پنکڙيءَ جيان نازڪ ......

# اختر ۽ قاضي صاحب

هوءَ گل جهڙي نازڪ آهي. سندس مرڪ گلن جي پنکڙين جهڙي نفيس آهي. هن جي اکين ۾ ڄڻ التجا آهي ته Handle with care - کهرائي ۽ شوخيءَ جهڙيون ڳالهيون هوءَ نه سهاڻي، نه ڄاڻي. سندس آواز ايترو ته ڌيمو ۽ مٺو آهي جو ڪن ڏيئي ٻڌڻ کانسواءِ ڪيس ٻڌي نه سگهبو ... هوءَ ڪير آهي؟ هوءَ آهي منهنجي پياري ڀيڻ اختر. ظفر حسن چوندو ته ڪلهه هوءَ ته منهنجي ڀيڻ آهي! ها ... هوءَ ظفر حسن جي ڀيڻ آهي برابر. منهنجو هن سان خون جو رشتو ڪونهي، پر دل جو رشتو آهي.

ظفر جي معرفت ئي اختر ۽ سندس گهوٽ قاضي صاحب سان اسانجو ملڻ ٿيو. هنن اسان کي کارايو پيئاريو، گهمايو ڦيرايو، اهو ته پنهنجي جاءِ، پر هنن جيتري به مهمان نوازي ڪئي اُن مان هنن جي دل نه ڀرائي. ڪين سمجهه ۾ ٿي نه اچي ته اسان سان ڪهڙا ڪهڙا وڙ ڪن ۽ اسان کي ڪٿي ڪٿي گهمائين، اسان کي ڇا ڇا ڏين! ڄڻ ته اسين ڪين ڪو قرض لهڻندا هجون ۽ هو اهو چڪائڻ جي اوني ۾ سرگردان هجن!

پياري اختر ٻه دفعا صبح جي وقت هوٽيل جبيس ۾ به ملڻ آئي. هوءَ ڪاليج ۾ باٽنيءَ جي پروفيسر آهي. ٻڌايائين ته گلن ڦلن سان گهڻو پيار اٿم. سوچيم ته 'باٽني' وٺي ڪڍنديس ۽ پاڙهينديس ته سڏائين پيئي گلن ڦلن جون ڳالهيون ڪنديس. تنهنڪري اِها وٺي چونڊيم. جيڪي

آهي ... قاضي صاحب کي آفيس جي ڪم سان ڪجھ ڏينهن ڪراچيءَ کان ٻاهر وڃڻو پيو، نہ تہ جيڪر ڪراچيءَ ۾ گهٽيون ئي پيون جڳهيون گهمائي ها!

هڪ دفعي موهن ۽ موتيءَ وٽ گهڻا اديب دوست ويٺا هئا، تنهنڪري مون کي ۽ اختر کي پاڻ ۾ خلاصيون ڳالهيون ڪرڻ جو وجھ ملي ويو. هڪ سوال جيڪو منهنجي اندر ۾ آنڌ مانڌ لايو ويٺو هو، سو مون اختر کان پڇيو.

”اختر، ظفر پنهنجي ڪهاڻين جو مجموعو ’رهيل قرض‘، ابي ۽ امڙ جي نالي ارپڻ ڪيو آهي. ان وقت توهانجي امڙ حيات هئي پر بستري داخل هئي ......“

اختر سمجھي ويئي تہ مان سندس ماءُ بابت ڄاڻڻ گهران. هن چيو، ”امڙ تہ هاڻي حيات ڪانهي پر مان توهان کي ٻڌايان. اسانجي ماءُ اسان کي ڏاڍو پيار ڪيو. ٽيهن سالن جي هئي، تڏهن اسانجو بابا سائين هن جهان مان لڏي ويو. ان بعد امڙ جڻ دنيا سان لڳ لاڳاپا ٽوڙي، صرف اسان اولاد جي خدمت ڪئي. ڪڏهن زندگيءَ سان ڪا شڪايت نہ ڪيائين. سڄو ڏينهن پورهيو پيئي ڪندي هئي؛ تڏهن بہ اسان مان ڪير ٻہ، اڌ رات جو ٻہ، ’اما‘ ڪري سڏ ڪندو تہ يڪدم ڇرڪ ڀري اٿندي ۽ چوندي، ’جيءُ‘. منهنجو ڀاءُ ظفر سڀني ۾ وڏو آهي، هن اسان ننڍن ڀائرن ڀينرن کي وڏو ڪرڻ لاءِ گهڻي محنت ڪئي. هن امڙ کي مڪمل سات ڏنو ۽ امڙ جي گهڻي خدمت ڪئي. امڙ جي چالاڻي بعد ظفر اما لاءِ ننڍڙن ٻارن وانگر ڏاڍو رنو آهي.“

مون کي اختر جي امي جان جڻ هڪ راجپوت ناري ٿي لڳي جيڪا ڀتار جي انتقال بعد گويا ستي ٿي هئي. اسان راجپوت بهادرن جا قصا پڙهيا آهن تہ هو جنگ جي

ميدان ۾ شهيد ٿيندا هئا تہ سنڌ ن زالون جيئري پاڻ کي جلائي، ستيون ٿينديون هيون. ظفر جسي امڙ ۽، تہ پاڻ کي زندگيءَ جي آگ ۾ جيئري جلايو هو! پيار کانسواءِ حياتي جيئڻ هن پاڪدامن عورت لاءِ باه ئي تہ هوندي. باه هن کي ساڙي نہ سگهي پر هوءَ اِن باه مان سون ٿي نڪتي. مان تہ چوان ٿي، هوءَ دنيا مان چالاڪو نہ ڪري ويئي آهي هوءَ پنهنجي اولاد ۾ حيات آهي. هوءَ سچو سون هئي ۽ اُن سون جو جهلڪو سندس ٻارن ۾ جيئڻ جو ليئڻ موجود آهي. اختر جي سيني ياڻون پيرون ۾ مٽيا ٿي ڏسجي. اُها مٽيا نہ هندوءَ جي آهي نہ مسلمان جي آهي. اُها اِنسان جي مٽيا آهي جيڪا ڌرتيءَ کي سونهن بخشيندي آهي! منهنجيءَ پيڻ اختر جو چهرو اُن اِنساني مٽيا جي مورت آهي.

اختر جو گهوٽ قاضي صاحب اُنهن ماڻهن مان آهي جن بزرگن جي اِن چوٽيءَ تي عمل ڪيو آهي تہ مهمان اڳيان سؤ ڏيئا ٻاري رکجن تہ بہ ٿورا آهن.

اختر جو اسان لاءِ پيار وري بہ سمجهي سگهجي ٿو ڇو تہ هن جو پنهنجي ياڙي ظفر ۾ ساه آهي ۽ اسين سندس ياءُ جا دوست آهيون تہ اُها موه جي ڏور کينچجي اسان تائين بہ اچي پهتي. پر قاضي صاحب جو پيار کهڙي سڳ سان مليو؟ اِهو اِنساني سڳ آهي. نجاڻ قاضي صاحب اسان ۾ ڇا ڏٺو ۽ نجاڻ اسان هن ۾ ڇا ڏٺو ... جڏهن اسان ساڻس ڳالهہ ڪئي تہ اسين شايد ٢٨ تاريخ ٻڌر ڏينهن دبئيءَ روانا ٿيون تڏهن قاضي صاحب اُمالڪ چيو، " نہ - نہ. ٻڌر ڏينهن نہ وڃجو. ٻڌر ڏينهن مان ڪراچيءَ کان ٻاهر هوندس. مان وسپت ڏينهن اچي ويندس. توهين وسپت ڏينهن وڃو ...... "

۽ وسپت جڏهن ايئرپورٽ تي سامان وغيره مقرر ٽيبل
ڪائونٽر تان موڪلي، اسين سيني ساٿين کان موڪلائي
رهيا هئاسين تڏهن اسانجي اندر وڃڻ کان ئيڪ پنج منٽ اڳ،
قاضي صاحب اچي پهتو! اسان کسي ايئرپورٽ تي اماڻڻ
اچي، اِها سندس تمنا هئي، نجاڻ ڪيتري تڪليف ورتي
هوندائين! وسپت صبح جو ئي ڪراچيءَ پهتو ۽ پنهنجي
آفيس جي ڪمن ڪارڻ کي منهن ڏيئي، اختر ۽ پنهنجيءَ
ننڍڙي شهزاديءَ کي ساڻ ڪري بلڪل پوري وقت تي اچي
موڪلائڻ لاءِ پهتو. اسانجو نصيب سٺو هو جو هو اسان
کي آسهڻ وقت به مليا، نه ته حسرت رهجي وڃي ها . . . .

**هڪ شاعر ۽ سندس چنبا ......**

هڪ شاعر ۽ سندس چنڊ ......

# تنوير عباسي ۽ قمر

اُن سهڻيءَ شام جو مان ’جبيس‘ ۾ موجود نہ هيس ۽ شڪر آهي جو مان اُتي نہ هيس. جيڪڏهن موجود هجان ها تہ اُهي اُکيون ڪٿان آڻيان ها جن سان ڏسان ها تہ موتي ۽ تنوير ڪيئن ٿا هڪ ٻئي سان ملن! ڪيئن موڪلائيندو مون ڏٺو ۽ اُهو منظر مون کان ڏٺو نہ ٿي ويو. هو هڪ ٻئي جي ڪلهن تي سر رکي هڪ ٻئي جون خميسون پنهنجن ڳوڙهن سان پسائي رهيا هئا   مان اِهو سهي نہ ٿي سگهيس ۽ آسمان ڏي نهاري رب کان پڇيو هوم تہ تون ڇو ٿو ڪرين تنوير ۽ موتيءَ کي جدا؟ ڇا جيترو وقت جدا رهيا آهن سو ڪافي ڪونهي؟

مان سمجهان ٿي تہ مرڻ مهل بہ هنن ٻنهي شاعرن رنو هوندو. اُهي خوشيءَ جا لڙڪ هوندا يا لڙڪ نہ لاڙيا هوندائون ۽ محبت ۽ تپرس وچان هڪ ٻئي ڪي تڪيو هوندائون. ٻاهران موٽيس تڏهن موتيءَ بي صبريءَ وچان مون کي چيو، ”ڪلهہ هي آهي تنوير.“ هن ڪسي ڏسندي اُي مون کي سندس شعر جون ٻہ سٽون ياد آيون:

’ڪجهہ ڏٺي ويندا سين، ڪجهہ نہ ڪٽي ويندا سين
ٻُور آهيون ۽ ڏيئي ميوو، ڇڻي ويندا سين.‘

تنوير جو هيءُ شعر مون موتيءَ جي زبان مان هزار دفعا ٻڌو هوندو. هي شعر ٻڌندي ٻڌندي تنوير عباسي ناليٰ

تائين پاڻ تي هموار ڪيو ويٺي آهي جيئن شاعر تنوير تخليق ڪرڻ لاءِ آزاد رهي. تنوير تي ڪو به بندش ڪونهي ته ڪيڏيءَ مهل سمهي، ڪيڏيءَ مهل اُٿي ۽ ڪهڙي وقت ڪلڪ ۾ اچي، ڪهڙي وقت ڪلڪ مان وڃي. هوءَ روٽين جي ڄار ۾ قائل ڪونهي ... ان ڪري قمر وڌيڪ ئي جوابدارين ۾ قائل آهي. تنوير کي ان ڳالهه جو اَحساس آهي. جڏهن رشيد ڀٽيءَ جي ڪراچيءَ واري گهر ۾ تنوير ۽ قمر سان ملياسين تڏهن شاعريءَ جي محفل ڄمي رهي هئي پر قمر اُتي موجود نه هئي.

مون تنوير کان پڇيو ”قمر؟“

تنوير وراڻيو ”هوءَ ٿورو آرام پيئي ڪري. ٿڪجي پيئي آهي نه ... بس جاڳ آئي.“

تنوير ڳالهه ته معمولي ڪئي، پر سندس چهري تي ڦهليل غيرمعمولي جذبا پڌائي رهيا هئا ته هن کي قمر جي صحت ۽ ٿڪ جو ڪيڏو اونو آهي! هوءَ صحيح معنيٰ ۾ سندس رفيق- حيات آهي.

رشيد ڀٽيءَ جي گهر واري محفل ۾ هڪ اَهم ڳالهه ٿي. اُها محفل ان خيال کان يادگار محفل آهي جو موتيءَ ۽ تنوير هڪ ٻئي جو هٿ پڪڙي، اَنجام ڪيو آهي ته هو ٻئي گڏجي ’سنڌي شعر جي تواريخ‘ لکندا.

تنوير قمر کي چيو، ”قمر، موتي ۽ مان هڪ تمام ڳنڀير ڳالهه ڇيڙي رهيا آهيون. متان سمجهين ته بس چوڻ خاطر ٿا چئون ۽ پوءِ وساري ڇڏينداسين.“

مون کي اُن ڏينهن جو انتظار رهندو جنهن ڏينهن ’سنڌي شعر جي تواريخ‘ ڇپبي ۽ لکندڙن جا به نالا هوندا: تنوير عباسي ۽ موتي پرڪاش. ان کانسواءِ به گهڻين ئي ڳالهين

موڪلائڻ جي ويل به اَچي ويئي- جڏهن شام جو مليا تڏهن شام کي
ته سهڻي شام سڏيو آئم، هن موڪلائڻ واريءَ شام کي ڇا سڏيان؟
اُها شام گذري مسٽر ۽ مسز مهتاڻيءَ جي گهر ۾. شام جو ائين بجي
ڌاري مهتاڻي فئمليءَ جي گهر جي ڪمپائونڊ ۾، سليم ميمڻ جي
ڪار وٽ بيهي، تنوير ۽ موتيءَ موڪلايو. تنوير ۽ قمر ٻئي ڏينهن
واپس خيرپور روانا ٿيڻا هئا ۽ ٽئين ڏينهن اَسين به واپس
دبئي ورڻا هئاسين! موتي ۽ تنوير هڪ ٻئي کي لپيٽجي
پيا. رومال ڪڍي ڳوڙها اُگهڻ جي تڪليف نه ٿي ڪيائون.
هڪ ٻئي جي ڪلهن تي سر رکي، هڪ ٻئي جون خميسون
پچائي ڇڏيائون. مان هنن کي ڏسي نه پيئي سگهان ۽
اَکيون مٿي ڪري آڪاس طرف ڏسڻ لڳيس جو تنوير
جو سڏ ٻڌم. چيائين: اَڄ ڪلا ...

مون کيس ڳراٽڙي پائي چيو: "توهين هيئن روئندا
ته ..." وڌيڪ نڙيءَ مان لفظ نه نڪتو.

تنوير ٻاڀوه مان چيو، "چڱو نٿو روئان. کلان ٿو.
خوش ٿو ٿيان."

مون کيس چيو، "توهين شل وڏي عمر ۽ سٺي
صحت ماڻيو. توهانجي قلم ۾ اَڃا به زور اَچي."

اُن بعد مان قمر سان موڪلائڻ خاطر هن طرف ويس
ته منهنجو گهوٽ هن جو نرڙ چمي رهيو هو. ٻوءِ چيائينس،
"قمر، تنهنجي مهرباني. تو شاعر تنوير عباسيءَ جي
گهڻي خدمت ڪئي آهي ... شاعر، جيڪو منهنجو دلبر
دوست به آهي."

قمر اِن دادا جي حقدار آهي. مون ٻوءِ ساڻس ڀاڪر
پائي موڪلايو. اُن بعد سليم جي ڪار ۾ مان ۽ موتي
ويناسين - جيئن ڪار ڪمپائونڊ مان نڪتي ٻئي ۽ تنوير

اُڳين ڳان او جهل ٿيو، ٿنهن مهل موتيءَ جا ڳونگا ڳوڙها
ڇڙ ته ٽدوڙ جو شعر چئي رهيا هئا:

"شل اَبد تائين رهي رنگ سلامت گل جو
هير جيان پاند ۾ خوشبوءِ ٿي ڪٽي ويندا سين."

چنڊ ۽ چڪور ..................

پيشانيءَ تي پيغام ...............

# سوڀو گيانچنداڻي

اَزغيبي ڪشش نالي ڪا چيز ضرور ٿيندي آهي. اُن ڪشش جي اَثر هيٺ ڪڏهن دل هوا ۾ به نياپا ڏيندي آهي. هڪ پياري ۽ عظيم صبح جو اهو ڪرشمو ڏٺوسين. اَسين اُن صبح جو جيجس ۾ نڪتا هئاسين ته ٻن جڳهين تان ٿي اَچون. اقبال جي ڪار ۾ ڪراچيءَ جي دل لڳائيندڙ آسمان هيٺان سفر ڪري رهيا هئاسين جو هوائن ۾ ڄڻ ڪو نياپو ڏٺيوسين ۽ اَڌ پهر تان ٿي اقبال کي چيوسين ته جيجس هوٽل ۾ واپس هل، اَسان کي ڪٿي به نه هلڻو آهي. اَسين ٻاهران موٽياسين ته موهن گيهاڻي ٻن دوستن سان ڳالهيون ڪري رهيو هو. اَسان پنهنجو هٿ بيگ وغيره رکيو مس ته موهن، موتيءَ کي مخاطب ٿي چيو، ”موتي، سوڀي گيانچنداڻيءَ سان مل.“

اَن وقت منهنجي نظر هئي موهن طرف. يڪدم موهن ڏانهن منهن ڪري پڇيم، ”ڪهڙو آهي سوڀو گيانچنداڻي؟“ جيئن ئي موهن اشاري سان ڏيکاريو تئن ئي مون اَڳتي وڌي وڃي اَدي سوڀي گيانچنداڻيءَ کي سلام ڪيو. هو به بيحد سڪ مان اَسان سان مليو. موتيءَ کي ياڪر مان آزاد ڪندي پڇيائين، ”خانواهڻ تو لڪي آهي يا ڪلا؟“

هن وراڻيو، ”ڪلا ... “

سوڀي کلندي چيو ”جيڪو ته ڪلا ته ڪلان وڌيڪ creative آهي.“

سوڀي جي اِن داد تي مان خوش ٿيس جو مون کي

ورتي ۽ مون کي ڳرانڙي پاتائين. اُن بعد مون کي ۽ موهن
سان ڀاڪر پائي، موڪلائي، هو پنهنجي ٻچڙي سان هليو ويو!
موڪلائيندي مونکي اِئين لڳو ته سوڀو گيانچنداڻي
هڪ پيغام ڏيئي ويو. هن زبان سان اهو پيغام ڪين ڏنو
پر صبح کان شام تائين گڏ هوندي هن ڄڻ گويا اوچي ڳاٽ اِهو
پيغام ڏيئي ڏنو ته مان جنهن وقت هڪ اِنسان ٿي ڄائو هوس،
اِنساني عظمت مون کي ڏٽيء ورثي ۾ ملي هئي. اُن
عظمت سان جيئڻ چاهيان ٿو ۽ اُن ئي اِنساني عظمت جو
ڪفن اوڍي مان مرڻ چاهيندس –

سوڀو گيانچندداڻي صرف اُن کان اوڇهل ٿيو باقي
سندس پيا لفظ پيغام وجود ۾ سدائين وچندو رهندو!

خاموشي به گفتگو ............

جڏهن ٢٢-٢٣ ورهين جو مس هوندو تڏهن سندس بابا سائين دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. ۽ اُن بعد سليم ئي پنهنجن پائرن پيدرن لاءِ بابا سائينءَ جو رول ادا ڪيو آهي. سندس سڀ پائر پيٽر ڪافي اوچي تعليم ورتل آهن ۽ پنهنجي خاوند ڪان وڇڙيل سليم جي اَمڙ جي پيشانيءَ تي ڏهاڳ جو ڏک گهٽ ٿو ڏسڻ اچي. سلڇڻي اولاد ... ۽ خاص ڪري سليم جهڙي سعادتمند ۽ عقيدتمند اولاد هجڻ جي سڪون اَمڙ جي پيشاني چمڪائي ڇڏي آهي!

جڏهن هوٽيل 'جيمس' ۾ پهتاسين، تڏهن منجهند جا چار بجا وقت ٿيو هو. رسيپشن تي ئي عابده پروين جو نياپو رکيو هو ته هوءَ ڏيڍ بجي کن آئي هئي ۽ موٽي ويئي هئي. منهنجو من اُڳي ئي ٿي چار ڏينهن عابده سان نه ملي سگهڻ سبب ماندو هو. سو عابده جي واپس وڃڻ جو ٻڌي وڌيڪ ئي ماندو ٿي پيو. مون يڪدم حجت رکي سليم تي. چيومانس، "هاڻي واندو هجين ته عابده وٽ وٺي هل."

"هلو"، هن خوشيءَ سان وٺي هلڻ قبوليو. موهن ۽ موتي هوٽيل "جيمس" ۾ ئي ٿورو آرام ڪرڻ جي خيال ڪان ويٺا رهيا. مان سليم سان گڏ عابده جي گهر ويس. اُتي پهچڻ سان مونکي ٽيرس ۾ وجهي ڇڏيائين جڏهن چيائين، "دادي، مان ٽيليويزن تي نيوز پڙهي ڪلاڪ کن ۾ اَچان ٿو. پوءِ توهان کي وٺي ٿو هلان هوٽيل ۾ واپس."

مون حيران ٿي پڇيومانس، "تون ٽي- وي- تي نيوز ريڊر آهين؟"

'جي!' هن جو مختصر جواب هو.

ته سليم ڪراچي ٽيليويزن تي سنڌيءَ ۾ نيوز پڙهندو آهي ۽ ڪافي پاپيولر نيوز ريڊر آهي ...... هڪ صبح جو جڏهن

ڊاڪٽر آهي- اِهو سڀ ٻڌي دل کي خوشي ٿي ته منهنجي پيءُ جو گهر وسيل آهي ۽ هن جي لائق رفيقه حيات آهي! شل ڀاڳ ممتاز لاءِ شاهجهان ڳڙيو رهي ......

ايئرپورٽ تي موڪلائڻ مهل مون سليم کي چيو، "توکان به موڪلائڻو آهي ڇا؟ تون ته اسان سان گڏ هلين ٿو نه ......"

"بلڪل" هن وراڻيو. دليان ته نه موڪلايوسين پر ظاهري ته موڪل وٺي پيشي سليم کان ......

سليم! تون اسانکي ڏاڍو ياد آهين.

ساه ساه سدکو ..........

اَسانجي دلين ۾ اَهڙو دردُ ڏکايو جو اُن راتِ جو ماني، موتي ۽ موهن سمهي نہ پيا سگهون. اَسان هن پاڻڙي سان ڪا گهڻي دير ويهي ڳالهايو بہ ڪين، پر هڪ اَحساس آهي، جنهن اسان کي هن سان جڪڙي ڇڏيو آهي. هو جنهن ويل موڪلائي ويو تنهن ويل مون کي اِهو بہ ياد آيو تہ اُن ئي صبح جو، هو اَسان وٽ ظفر جي ڪراچي واري گهر ۾ (اَنور جي گهر ۾) ڪي سوغاتون کڻي اَچي پهتو هو. اُهي سوغاتون اَياز جي سڃاڻپ آهن ۽ اسانجي ۽ هن جي وچ ۾ جيڪو رشتو آهي اُن جي شاهدي آهن. اُهي سوغاتون هيون:

سنڌو جل سان ڀريل بہ شيشا
۽
اروڙ جي مٽيءَ سان ڀريل بہ شيشون!

هنن ٻنهي انمول سوغاتن سان گڏ اسان اياز جا سڏڪا بہ سنڀالي رکيا آهن، ساهہ سان ......

چوندا هئا. اَڄ بہ ڳوٺ وارا اُن گهر کي اُن ئي نموني سڏين ٿا، پوءِ ڀلي ٻاهر کان آيل مهاجر ٿا رهن.

مان پنهنجي ساهري گهر جي چانئٺ وٽ بيٺي هئس، اندر گهڙڻ لاءِ منتظر. سامهون ميرانجهڙي رنگ جو وڏو دروازو. وچ ۾ لوهه جو ڪڙو. جيئن ئي ڪڙو کڙڪايم تيئن هڪ وچولي عمر جي عورت اچي دروازو کوليو. هن جيئن ئي دروازو کوليو تيئن منهنجي پوري وجود ۾ ڄڻ ڪڙا ڪڙڪي ويا ۽ دل جو دروازو زور سان کلي پيو. خون جي هرهڪ قطري ۾ جنبش اچي وئي مان گهر اندر هلندي ويس ۽ هن عورت کي چوندي ويس، "هي منهنجو ساهرو گهر آهي. منهنجي گهوٽ جو جنم هن گهر ۾ ٿيو- منهنجو سهرو ۽ منهنجي سس هن گهر ۾ الاهي سال رهيا ...... هي منهنجو گهر آهي. جيڪڏهن منهنجي شادي سنڌ ۾ ٿئي ها ته مان پرڻجي هن گهر ۾ اچان ها ... هي منهنجو گهر هجي ها . اَڄ توهين پنج منٽ، صرف پنج منٽ مون کي هن گهر ۾ ويهڻ ڏيو ..."

هوءَ منهنجي ڳالهه ٻڌندي ٻڌندي مون سان گڏ هلي رهي هئي. اسين گهر جي وچ ۾ پڌر ۾ اچي پهتاسين. کليل نيري آڪاس هيٺان هي پڌر جتي ڪنهن ڏينهن منهنجي سس سهري منجي وڇائي، اُن تي ويهي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪيون هونديون منهنجي گهوٽ هن پڌر ۾ ريڙهيون پاتيون هونديون ... پنڌ ڪرڻ سکيو هوندو ... راند ڪئي هوندي!

مون پڌر جي چئني طرفن نهاري پنهنجين اکين سان اُن ئي، پر پنهنجي روح سان گهر جو هرهڪ ڪمرو، هرهڪ در ۽ ديوار ڇهڻ ٿي چاهيو. پڌر ڪانپوءِ هڪ لنگهه هو ۽ اُن جي آخر ۾ هو گهر جو پٺيون دروازو. اُهو کولڻ سان ڳوٺ

آهيان، موڪلائڻ مهل جڏهن هن آسانجي ٻارن لاءِ سوکڙيون ٿي ڏنيون ۽ مون کيس چيو پئي تہ نہ، توهان هيءَ تڪليف ڇو ٿا ڪريو، تڏهن هن ڳوڙهن ڀريل اکين سان التجا ڪئي: "اُهي توهين حق سمجهي وٺو- توهين دڙي مان ويا هلي تنهن جو مطلب اِهو ٿورو ئي آهي تہ توهانجو حق ڪونهي. توهانجا ۽ توهانجي اولاد جا اسانجي هرڪنهن جائداد ۾ حصا پئجيون آهن!"

هن جو هي جواب ٻڌي مان روئي پيس- ٻئي هٿ وڌائي کانئس سوغاتون قبول ڪيم.

مگهن شرما جي گهر ۾ نئي هڪ ڳوٺائيءَ علي محمد خاصخيليءَ هڪ ڪئسيٽ سوغات ڏني. هن ڪئسيٽ ۾ موتيءَ جو 'آءُ نہ چوريون چنگ' ۽ 'چٽنگ وڄ چولي' مان چونڊي رڪارڊ ڪيو هو! هو ڳوٺ جو سٺو ڳائيندڙ آهي! هڪ شاعر کي اِن کان خوبصورت تحفو ڪهڙو ٿو ڏئي سگهجي؟

دڙي ۾ ٻارڙ کي پيرن کان مٿي تائين مون محسوس ڪيم- منهنجي من اندر نئين هڪوار وري جنم ورتو- من کي ائين ٿيو چڻ تہ منهنجا سڀ سهرو ٻہ هن فاني دنيا ۾ وري موٽي آيا آهن ...... اِهو دڙي جي ڳوٺ جو وڙ مان ڪيئن وساريان؟

منهنجا ساهرا! توهان مونکي هيترو ڪجهہ ڏنو ...... هيترو ڪجهہ! مان توهان کي ڇا ڏيان؟ ڇا ڏئي ٿي سگهان؟ توهانجي شڪرگذار نئين احسانمنديءَ جا لڙڪ ٿي ڏئي توهان کي!

## جهلڪون ......................

سنڌ جي زيارت ڪرڻ لاءِ مليا صرف چوڏهن ڏينهن! اُتي جي بي عدد اَدبي ساٿين سان ڪچهريون ڪرڻ لاءِ ته سموري زندگي به ٿوري آهي، سو چوڏهن ڏينهن ڪيئن پورا ٿيون؟ ڪن شخصيتن جون جهلڪون پسيم ۽ اُنهن جهلڪن به جيءُ گهٽ ناهي جهنجهوڙيو ......

’ساوا پن‘ پڙهيو- ۽ سندس هڪ اصلوڪي آکاڻي ’آرسي ۽‘ ۾ به پڙهيم- اچا گهڻوئي ڪجهه پڙهڻو اٿم. مان ادي وليرام جي هرڪا تخليق پڙهڻ چاهيندس چو ته ترجمو هجي چاهي اصلي رچنا ...... سندس موضوع جي چونڊ مونکي دلپسند آهي- اها آهي انساني محبت، انسان سان دوستي! جهڙي آهي سندس ٻاجهاري شڪل، تهڙو آهي سندس لکڻين ۾ لڪل نفيس نياپو :

اڙي انسان! تون اول ۽ آخر انسان آهين
هرڪو ٻيو انسان تنهنجو ڀاءُ آهي ......

هن پيغام جي دنيا کي ڪيڏي نه ضرورت آهي! شل ادي وليرام ولڀ جي زندگي سرسبز ۽ آباد رهي!

# مسٽر ۽ مسز دولترام مهتاڻي

گهڻن ئي امير ماڻهن سان زندگيءَ ۾ ملاقات ٿي آهي ۽ سندن محل ماڙيون، نوڪر چاڪر ۽ موٽرون ڏٺيون اٿئون- پر دل جي اميري هڪ شيءِ ئي ٻي آهي- منهنجو ڀاءُ ۽ ڀاڀي مسٽر ۽ مسز مهتاڻي ٻنهي خيالن کان امير آهن. دنيوي شاهوڪاري ۽ روح جي شاهوڪاري، انهن ٻنهي جو ميل ڏٺوسين هن جوڙي ۾!

مان مهتاڻي فئمليءَ کان معافي وٺڻ ٿي چاهيان چاڪاڻ ته اسان هنن کي نراس ڪيو هو. اسان ٻڌو هو ته هنن اسانجي رهڻ جو بندوبست پاڻ وٽ ڪيو آهي، پر ڪيترن ڏينهن تائين اسان کين ڪانٽئڪٽ به نه ڪري سگهيا هئاسين. هنن سان پهرين ملاقات پريم شهاڻيءَ جي گهر ٿي. پوءِ جڏهن سندن دعوت تي وياسين ته منهنجيءَ پياريءَ پيٽڙيءَ مسز مهتاڻيءَ مون کي پنهنجي گهر جو اهو ڪمرو ڏيکاريو جنهن ۾ هنن اسان کي رهائڻ جو مڪمل بندوبست ڪيو هو.

هن چيو ”هن سائيڊ ٽيبل تي توهان لاءِ پاڻيءَ جو جگ به ڀري رکيو هوم.“

تڏهن مون سڪ ورائڻ لاءِ سندس ٻئي هٿ پڪڙي چيو، ”اعتبار ڪريو، اسين دوستن وچ ۾ ائين گهيرجي وياسين جو هوٽيل ’جبيس‘، مان ٻاهر نڪرڻ به نه ٿي سگهيو- ٻيو ڪو به ڪارڻ نه آهي توهان وٽ نه اچڻ لاءِ- يا نه رهڻ لاءِ.“

هوءَ ڏاڍي درياه دل آهي. هن مون کي ڪمرو ڏيکاريو

منهنجي تمنا آهي ته اهڙو موقعو وري ملي جو ڪراچيءَ وڃان ۽ ساڳيءَ جاءِ تي سندس پر ۾ ويهي ڇٺا، ڊبلروٽي ڪائيندي سندس احوال ٻڌان- ساڳي جاءِ ان ڪري ٿي چوان جو اُن مونکي ڏاڍو موهيو. عاليشان باغيچو هو، جنهن جي ڇهچ گاهه ۽ ’گلزاري‘ هن لاثاني جوڙي جي فينستائيءَ، شوق ۽ ڪلاڪاريءَ جي ڪهاڻي ٿي ٻڌائي. هرهنڌ، هرڪا چيز ٺانئيڪي رکي هئي. هڪ ڪي هٽائي، ٻئي هنڌ رکجي ته نظارو ئي بدلجي وڃي.

ادي مهتاڻي ۽ سندس بزرگن ڏاڍي جاکوڙ ڪئي ٿي ڏسجي. گهر جا مرد، شاهه جي سر سامونڊي وارا وڻجارا آهن جن ديس پرديس پٽڪي، هٿ پير هنيا آهن، پوءِ به پنهنجو هيڊڪوارٽر ڪراچي بڻايو اٿن ۽ اُتي ئي رهندا اچن.

دادا مهتاڻيءَ جي دعوت تي اُن ڏينهن چاليهارو کن اديب ۽ فنڪار اچي گڏ ٿيا هئا.

عابده پروين هڪ ڪنڊ ڏانهن اِشارو ڪري چيو، ”مون به هتي ويهي ڳايو آهي. موسيقيءَ جون ڪيئي محفلون هن گهر ۾ ٿيون آهن.“

دادا مهتاڻي ۽ شريمتي مهتاڻي زندگيءَ جون ست-پنجهٺ بهارون ماڻي چڪا آهن. هيڏيءَ پيرسنيءَ ۾ به اُهي هيڏي شاهي گهر ۾ اڪيلا رهيا پيا آهن. دادا مهتاڻي ته پنهنجي ذندي ڪاروبار ۾ سڄو ڏينهن مشغول رهي پوءِ به ادب ۽ سنگيت لاءِ سندس شوق ۾ ڪمي ڪانه آئي آهي. فنڪارن جو قدر ڪرڻ واري هن آدرشي جوڙي جي ورتاءَ، مروت ۽ سڪ مان سندن فنڪار دلين جو ثبوت ملي ٿو.

جواب ڏنائين، ”ها“ پوءِ ساڃ ڪنور وانگر ٻانهون مٿي ڪڍي شاهه جي ڪلام جي هڪ ست ڇيڙائين. اُها ست مارئيءَ مان هئي جنهن جو مطلب هو ته تنهنجا محل ماڙيون ڪين ڪپن، ڪين ڪپن.

ٻروهي صاحب ڪنور وانگر ٻانهون مٿي ڪڍي مارئي بڻجي، عمر جا محل ماڙيون ٺوڪاريا. بس ... مونکي هڪ ڪن لاءِ ڄڻ ڪنور جو درشن نصيب ٿيو مون ڪنور بابت ٻڌو آهي ۽ پڙهيو به آهي. مون کي هن فقيرن، سنڌ جي جوڳيءَ لاءِ بيحد گهڻي عزت آهي- جنهن ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڳايو. راڳ ۾ پاڻ به رنو ته لوڪن کي به روئاريائين. راڳ معرفت راهه به ريجهايائين ته رعيت به ماڻهن جي دلين ۾ محبت جو پاڪ جذبو جاڳايائين. ڪنور، جيڪو نه هندو هو، نه مسلمان هو. هن جي ذات ڳائڻي جي ذات هئي!

مون ٻروهي صاحب کي چيو، ”ويجهڙ مون عابده پروين کان ڪنور جو ڪلام ٻڌو آهي ... “

هن مون کي ڳالهه به پوري ڪرڻ نه ڏني. چيائين، ”عابده به جڏهن ڳائي ٿي، تڏهن سمڪ ئي ڪانه ٿي پوي. ٻئي ٻانهون مٿي ڪڇيو وجهي ۽ پاڻ به ڌرتيءَ تي ڪانه ٿي ٽڪي!“

ٻروهي صاحب، توهان جيڪو عابده کي داد ڏنو ۽ جيڪا ڪنور جي جهلڪ ڏسائي تنهن منهنجيءَ دل ۾ توهان لاءِ جاءِ جوڙي ڇڏي آهي!

گهر ڇو نه آيا. مون ڪيس سبب ٻڌايو ۽ هن اعتبار ڪيو. سياءُ جي هن سرلتا تان ڇا گهوريان؟ آخرين ڏينهن تي وري اسان کي لنچ لاءِ گهرايائين. اسين سندس گهر مان لنچ کائي سڌو ايئرپورٽ اسهياسين.

پريم جي من موهيندڙ ڪنوار بيحد سوادي طعام تاهيا هئا ...... هوءَ واقع ئي شهاڻي ڪٽنب جي شاهاڻي عورت آهي. ۽ پريم ...... هن جو نالو ئي پريم آهي. سندس نالي ۽ سڀاءَ ٻنهي ۾ پريم آهي. هو جيڏو ئي لنبو ۽ قداور آهي اوڏو ئي نماڻو به آهي. موڪلائڻ مهل مون کي ٽپوس ۾ وجهي ڇڏيائين جڏهن آسيس وٺڻ لاءِ سر نمايائين. مون تڪڙ ۾ سندس سر ٻنهي هٿن سان مٿي ڪيو! آسيس ڏيڻ پاڻ کان ٿورو وڏو ڪم ٿو لڳيم. آسيس ڏيڻ لاءِ وڏي لائقي کپي. منهنجون سڀ ڪامنائون ... دعائون ۽ پرارٿنائون آهن پريم ۽ سندس سهڻيءَ ڪنوار لاءِ. شل ساڌو واسواڻيءَ جي مٿن سدائين آسيس رهي!

# پروفيسر اَياز قادري

’جبيس‘ ۾ ٻهرئين صبح جو اُسان اَچا چانهہ پئي پيتي تہ هڪ بزرگ ملڻ آيو. اُسانجي چانهہ پيئڻ جو لطف ئي ٻيڻو ٿي ويو! هن ايندي سان موتيءَ کي پاڪر ۾ ڀريندي چيو، ”توهين ڪٿي گم ٿي ويا۔ اَصل پتو ئي نہ پوي. ماڳهين جدائي ڪري ڇڏيو.“

موتيءَ گهڻيءَ عزت سان چيو، ”اَڙي سائين: سائين “ هن جي پاڪر جي موت ڏيڻ بعد موتيءَ مون کي اَدي جي واقفيت ڏني. چيائين، ”ڪالہ پروفيسر اَياز قادريءَ سان مل.“

واقعي ... عينڪ پٺيان اَکين علميت جي گواهي پئي ڏني۔ هن کي ڏسي مون کي پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي ياد اَچي ويو.

اَدو قادري ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ هيڊ آف سنڌي ڊپارٽمينٽ آهي. منهنجي گهوٽ جي هن ياءُ سان گهڻي خط۔و۔ڪتابت رهي آهي. موتي جڏهن پي۔ ايچ ڊي ڪري رهيو هو تڏهن اَدي اَياز قادريءَ گهڻائي گهربل ڪتاب ڊبيءَ موڪليا هئا۔ موتي اَڪثر سنڌس اِن وقتائتي ۽ قيمتي مدد لاءِ شڪرگذاريءَ جو اِظهار ڪندو آهي.

ڳالهين ڪندي پڌاپائين تہ مان رام باغ وٽ ئي رهندو آهيان. مون اُچلجي چيو، ”الاءِ رام باغ وٽ رهندا آهيو؟ اُتي طوطارام بلڊنگ آهي نہ؟ اُن ۾ ٻهرئين ماڙي تي منهنجو گهر آهي.“

هن چيو، توهين منهنجي گهر ايندا ته مان توهان کي طوطارام بلڊنگ ۾ ضرور وٺي هلندس.“

اسين ڀاءُ قادريءَ جي گهر وڃي نه سگهياسين پر ٻه چار دفعا ساڻس ملڻ ٿيو. اُنهن ملاقاتن دوران محسوس ٿيو ته هو هڪ گنڀير ۽ بيحد نماڻيءَ شخصيت جو مالڪ آهي. اسان کي اِهو شرف حاصل ٿيو جو اسين ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ وياسين ۽ ڀاءُ کي سندس ڪرسيءَ ۾ ويٺل ڏٺوسين. اُدي پنهنجي ڊپارٽمينٽ جي سيني اُستادن کي گهرايو هو ۽ شاگردن جو هڪ ننڍڙو ميڙ به رکيو هوائين. اُن وقت اِمتحان هلي رهيا هئا تنهنڪري شاگرد با نيم ڪاليج ۾ ڪين پئي آيا. اُن سبب شايد ميڙ ۾ ڪا نينگري نظر نه آئي.

ميڙ ۾ اسانجي مرحبا ڪرڻ لاءِ پروفيسر اياز قادريءَ هڪ ننڍڙي تقرير ڪئي. تقرير ڪندي شاهه جو هڪ بيت چوندي وچ ۾ روڪجي ويو. ٻه چار پنج سيڪنڊ گذري ويا. بيت رهيو نه ٿيو ۽ مون ڪنڌ مٿي ڪڻي پروفيسر جي منهن ۾ نهاريو. هو ڪوشش ڪري رهيو هو پر بيت جا لفظ سندس نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا.

منهنجي اکين آڏو هميشه ٻه آهن ادي اياز قادريءَ جا لرزندڙ چپ ۽ ڏڪندڙ ڪاڏي. اکين مان پاڻي به ڪري پيس. هڪ دفعو وري اِهو احساس مليو ته ڇڪ ٻه طرفي آهي. مون کي اُن وقت دل ٿي ته مان قادري صاحب کي چوان: اِها توهان جي دل آهي جيڪا اسان کي راجا جو درجو ٿي ڏئي. باقي تواريخ ته اسان کي مسڪين بڻائي ڇڏيو آهي ......

پروفيسر اياز قادريءَ کي وري مشاعري ۾ ٻڌڻ جو موقعو مليو. ڊاڪٽر حميده کهڙي جي گهر سڏايل مشاعري ۾ هن

ادي پنھنجا ڪي بيت پڙھيا. بيتن جو موضوع ھو: ڏاڍ ۽ ڏھڪاءُ ڇو سھجي؟ ھي موضوع تہ ھر دور، ھر زماني ۽ ھر ملڪ جو موضوع آھي!

پروفيسر قادريءَ پنھنجي سنڌي ڊپارٽمينٽ جي سينيئر اُستادن سان گڏجي اسان کي ’جمخانہ‘ ۾ ھڪ شاندار ’ڊنر‘ ڏني جنھن ۾ سنڌيءَ جي پروفيسرن سان گڏ ويھہ کن ٻيا بہ دوست شامل ھئا. اُھا ھڪ يادگار ڊنر پارٽي ھئي! سڀ موجود دوست مھڪي رھيا ھئا پر پروفيسر قادريءَ جو مھڪڻ اُھي نرالو ...... ھو مانيٽو مھڪي رھيو ھو. سنڌس مات ۽ گنڀيرتا - عالماڻي نمرتا ۽ قرب ڀريءَ دل ڏاڍو متاثر ڪيو.

منھنجو ھي عالم ۽ اپياسي پروفيسر ياءُ شايد ھن وقت ’سنڌي غزل جي اوسر‘ جھڙو ڪتاب لکڻ ۾ مشغول ھجي!

# ناصر مورائي

’جبيس‘ ۾ هڪ صبح جو اٽڪل ڏهين يارهين بجي فون آيو. مون رسيور کنيو ته هڪ بيحد پنهنجائپ ۽ حجت وارو آواز ڪنين پيو. چيائين، ”مان ناصر مورائي آهيان. توهان سان ملڻ چاهيان ٿو. موٽل ڪٿي آهي؟“

مون وراڻيو، ”هي ته سڌو پيو ڪري ......“

مون کي اڌ ۾ ڪپي چيائين، ”تون ڪلا آهين نه؟ “

”ها“ مون گهٻرائجي چيو. گهٻرايس ان ڪري جو ته هو آسان کي چڱيءَ طرح سڃاڻي پيو ۽ مان کيس نه پيئي سڃاڻان.

مان لڄي ٿيس. هن پڇيو، ”مون کي سڃاڻين ٿي؟ “

”نه ... معاف ڪجو ... سڃاڻان نه ٿي ته ڇا ٿيو؟ توهين اچو. توهان کي سڃاڻي وٺبو.“ ”چڱو- مان رسيپشن تان پيو ڳالهايان. پنجن منٽن ۾ پهچي ويندس.“- پنجن منٽن ۾ نه، هو ٻن ٽن منٽن ۾ پهچي ويو. جڏهن کيس سلام ڪري سوفا تي وهڻ لاءِ چيم ته منهنجي ٻانهن پڪڙي چيائين، ”بيهه- توکي ڏسان ته سهين.“

منٽ اڌ منهنجي منهن ۾ نهاري چيائين، ”پوڙهي ٿي ويئي آهين!“

”سچ پچ؟“ مون کلندي پڇيو. ”سچ -“ پوءِ مون کي ڇڏي موهن طرف وڌيو تنهن وچ موٽي به سڌو ڪري نڪتو. ناصر هن سان ياڪر پائي مليو. هو موٽيءَ ۽ موهن سان ڳالهائڻ ۾ مشغول هو ۽ مان اهو سوچڻ ۾ مشغول هيس

سان شڪايت ڪئي ته ڪيتري وقت کان ناصر جو قلم خاموش آهي جيڪا ڳالهه ظفر کان گوارا نه ٿي ٿي هئي. اڄڪلهه ڇو نه ٿو لکي سگهي، اِن بابت پنهنجون ڪي مجبوريون هن ظفر کي ٻڌايون- اُن وقت ڪنهن مشڪل دؤر مان گذري رهيو هو. خدا ڪري، شل هاڻي سنڌس مشڪل آسان ٿي هجي!

هن جڏهن آخرين موڪلاڻي پئي ڪئي تڏهن موٽي پاڻ حميد سنڌيءَ سان ڳالهائڻ ۾ مشغول هو- هو سيني کان موڪلائي جيئن دروازي طرف وڌيو تيئن مان به ڪيس اُٿارائڻ جي خيال کان ويس ۽ هڪ سوال جيڪو منهنجو پيڇو ڇڏي ئي نه پيو، اُهو ڪانئس پڇي ئي ورتم. چيم، "توهان مون کي هن کان اڳ ڪڏهن ڏٺو آهي؟"

هن پيار ۽ شوخيءَ پرل ٽهڪ ڏيندي چيو، "توکي سالن کان سڃاڻان. توکي پڙهيو اٿم ۽ بيحد پنهنجو سمجهيو اٿم. ڳالهيون ٿي ڪرين؟"

اِئين چئي، هو هليو ويو ۽ منهنجي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا. هن جي حجت ۽ هوڏ پڻ پسند هيون. هو منهنجو اديب دوست آهي، پقات آهي، ڪير به آهي- هن مون کي اڳ ڪڏهن نه ڏٺو آهي ... هن بعد به شايد نه ڏسي ... اِن سڀ جي ضرورت ڪهڙي آهي؟ هڪڙو ئي رشتو ڪافي نه آهي ته اسين سنڌي آهيون- سنڌي ٻوليءَ جا ليکڪ آهيون. ۽ سنڌ جي زمين اسانجي جنم ڀومي آهي. اسان جي ماءُ هڪ ئي آهي نه!

## تاج بلوچ

شايد هر ڪو شاعر درد جي صحرا ۾ ڀٽڪندو آهي، سندس پير تتل واريءَ ۾ پيا پچرندا آهن ته به مرڪي مرڪي جڳ کي اُميد جو پيغام پيو ڏيندو آهي، تڏهن ته تاج بلوچ لکيو آهي:

مُرڪ اُسانجو مُرڪ آهي
پل پيا دل ۾ دود دکن

تاج بلوچ جي دل ۾ ڪهڙا پيا دود دکن سا ته خبر نه پئجي سگهي، باقي سندس منهن هر محفل ۾ مرڪندڙ ڏٺم. مرڪندڙ منهن رکڻ سان گڏ بلوچ جي هڪ ٻي خاصيت جي به خبر پئي ته هو هڪ باريڪ بين پڙهندڙ به آهي.

اَسان کي ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي ڊپارٽمينٽ طرفان جيڪا ڊنر ڏني ويئي اُن ڊنر وقت تاج بلوچ به موجود هو. هڪ ته ڊنر جي دوران ماحول اَڳي ئي پرڪيف هو مٿان وري تاج بلوچ 'شيام' جي شاعريءَ جو ذڪر ڪري منهنجو ته نشو ئي وڌائي ڇڏيو. مان 'شيام' شاعر جي ۽ 'شيام' شخص جي صرف فَنَ ئي نه، عقيدتمند آهيان. اَدي بلوچ شيام تي هڪ هائيڪو نهايت جذبي سان ٻڌايو:

ساز رکيل پست ساڻ
بند اکيون چپ ڳائڻو
راڳڻ سـاڻ رهاڻ!

ٿائين، پارٽ ۾ سنڌي آدبي گلشن جو سونهري زمانو هو. اُها آساني ساهتڪ زندگيءَ جي بهار هئي! جيسين ناول جو تعلق آهي ته مان تاج بلوچ کي ۽ ٻين اِنٽرويو ونندڙن کي به ٻڌايان ٿي ته منهنجي دلي تمنا آهي ته سنڌري اُتهيداٺي ناول لکڻ لاءِ ورڻي قلم کڻي. گني سامِتاٺيءَ اجي سهڻي قلم مان به 'واپس' ناول بعد ڪو ناول نه مليو آهي. مون کي هن جي ٻئي ناول جو اِنتظار آهي ۽ ها، ايشور چندر ونان به هاٺي ناول ملڻ کپي. مالهيءَ جي ٻوين بن ٽن ناولن ڏاڍو لٽواس ڪيو آهي. جيڪر مالهي من کي ايڪاگر ڪري ۽ نئون قلم کڻي لکي ......

تاج بلوچ بابت لکان ٿيٺي ته پياريءَ ماهتاب جو خط مليو آهي جنهن ۾ تاج بلوچ جي اُڪسيڊنٽ جو ذڪر آهي. دل کي جهوٻو اُچي ويو آهي. شل پاڻ بلوچ جلدي نيڪ ٿئي ۽ پنهنجي مرڪندڙ مهانڊي سان هر محفل سجائي!

# بيدل مسرور ۽ سنڌس نوجوان ساٿي

بيدل مسرور ۽ سنڌس نوجوان ساٿين جي وڏي مهرباني تي جو هنن اسان سان ملڻ لاءِ ڪنهن دوست جي گهر گڏجاڻي رکي. مهرباني صرف فارملٽيءَ لاءِ نه ٿي چوان. هنن سچ پچ اسان تي احسان ڪيو، ڇاڪاڻ ته اُن محفل ۾ مون پهريون دفعو آزاد نظم سُر ۾ ٻڌا... باقاعدي هارمونيم ۽ ڍڪڙ وغيره سان سُر تال تي. بيدل مسرور ۽ شاهد به چار آزاد نظم ڳائي ٻڌايا. هنن جو چوڻ آهي ته سندن هيءَ ڪوشش آزاد نظم تان اِهو به اعتراض لهرائڻ تي گهري ته آزاد نظم ڳائي نه ٿو سگهجي. مان سمجهان ٿي ته هنن جي اِها ڪوشش آهي ته اصولي طور آزاد نظم کي شاعريءَ جي صنف مڃيو وڃي. هنن جي ڪوشش مبارڪ آهي. مون کي خاص خزانو اِهو به ڏنائون جو شيخ اياز جو آزاد نظم به ڳايائون. اياز جو هي آزاد نظم:

هي سنگرام

سامهون آ نارائڻ شيام

جڏهن چيو هو تڏهن ڀارت ۾ اسان سڀني سنڌي اديبن جي دلين جي تندن تارن تي وڳو هو. محفل ۾ شاهد هي نظم ڳايو.

مون موڪلائڻ مهل کيس چيو "اياز صاحب سان ملين ته هن کي اسانجا سلام چئج ۽ اِهو به ٻڌائج ته سنڌس هي نظم ٻڌي اسان کي سڪون مليو."

سٽن اُنن دوستن پنهنجا شعر ٻڌايا ۽ آخر ۾ موتيءَ کي شعر ٻڌائڻ لاءِ چيائون. اِن طرح هيءَ رنگين محفل پوري ٿي جنهنجي يادگيري سدائين رهندي.

هنن نوجوان اديبن جو سڪ پيار ۽ پنهنجائي سلامت رهي. هو سڀ هڪ ٻئي لاءِ وڏو آسرو آهن ۽ هاڻ اُسانجو به منجهن آسرو آهي. دل هنن لاءِ دعا ٿي گهري تہ شل هنن شاعرن ۽ ڳائڻن جو جذبو سلامت رهي ۽ کين پنهنجو فن عروج تي رسائڻ لاءِ سازگار حالتون ملن! اُسين سندن فن جو قدر ٿا ڪريون ۽ کين پيار ڪريون ٿا ڇو تہ هو بہ اُسانجو 'سيا ڻي' آهن!

ڇڏي، مان هوائي جهاز ۾ ڪيئن وڃي چڙهندس؟ شڪر آهي جو ظفر حسن ڪيس پنهنجين ٻانهن ۾ ڪٽي پيو ۽ situation سنڀالي ورتو. اميد ته ڪيهر جلدي روئڻ بند ڪيو هوندو.

مان جيڪر کيس چوان: شوڪت، منهنجا پيارا! تون ته اسان کي ان طرح گهرائڻ وارو آهين نه، جيئن وري واپس ئي نه وڃون؟ تنهنجي ان خواب سان اسانجا به خواب شامل آهن! جيڪڏهن اسين نه پهتاسين ته ٻي پيڙهي پهچندي- اسانجا شريڪانت ۽ سنڌو اچي پهچندا!

تنهنجو خواب ته حقيقت بڻجڻو آهي.

فهميده ۽ سلطانا جي مشڪلات مان چڱيءَ طرح سمجهان ٿي. هنن مون کي منهنجو ماضي ياد ڏياريو. جڏهن شيخ اياز بمبئيءَ ۾ آيو هو، تڏهن منهنجا ٻار تمام ننڍا هئا ۽ مان نوڪري به ڪندي هيس. مان صرف هڪ ڀيرو ۽ سو به آرتوار ڏينهن صبح جو ڪلاڪ به اياز صاحب سان ملڻ لاءِ جوهو تي ويئي هيس. ان دوران بمبئيءَ ۾ جڳ نه شاهي ادبي ميلو لڳو پيو هو، ۽ مون ان رنگين ماحول جون صرف ڳالهيون دوستن وٽان ٻڌيون هيون!

مان فهميده ۽ سطانا، ٻنهي ڀينرن جي شڪرگذار آهيان جو اسان سان ملڻ لاءِ وقت ڪڍيائون. ڪراچيءَ ۾ رهندڙ ٻين ليکڪائن سان ملڻ جي گهڻي تمنا هئم، پر ممڪن نه ٿي سگهيو. شڪر آهي جو فهميده ۽ سلطانا ته مليون ۽ مان قسم کڻڻ جهڙي ته ٿيس ته ڪراچيءَ جي ڪن ليکڪائن سان ملاقات ٿي!

# نقاش

ياءُ نقاش ڪراچي پريس ڪلب واريءَ گڏجاڻيءَ ۾ پنهنجو هڪ طنزيه مضمون پڙهيو. اهو مضمون هن خاص ان موقعي لاءِ ئي لکيو هو.

شخصي سطح تي نقاش سان ڪا ڳالهه ٻولهه ڪانه ٿي پر سندس مضمون معرفت جڻ هن سان خاص ڏيٺ ٿي. هن مضمون ۾ موجوده حالتن تي اهڙو ته ڏک ڀريو هيو جو هر دل سور سان ڪڙهڻ لڳي. دليون ڪڙهيل ته آهن ئي، جو سنڌ ۾ ڇپجندڙ سنڌي ڪتاب ڀارت تائين تمام گهٽ ٿا پهچن. اسين ٻريءَ طرح وڇڙيل آهيون. اسانجي هڪ ٻئي لاءِ حب ۽ عزت هوا ۾ ترندڙ هڪ جذبو آهي. منهنجي هن ننڍڙي ياءُ مضمون ۾ جيڪي لکيو سو سندس قلب جي ڪوڪ هئي ته مون کي سنڌي ادبي سنگت ڪوٺيو آهي ته اچي موتي پرڪاش سان مل- سو موتي پرڪاش آهي ڪير؟ ڪهاڻيڪار؟ ناول نويس؟ شاعر؟ ناٽڪ نويس ...... يا الهاسنگر ۾ ڪو ٻسڪوٽن ۽ ڪنمنڙن جو ڪارخانو اٿس؟ مضمون جو حاصل مطلب ان طرح جو. هن مضمون جو تاثر دل تي دائم رهندو ڇاڪاڻ ته مضمون ۾ نئين ٽهيءَ وارن جي تواريخ سان، وقت سان ۽ حالتن سان هڪ پاراتي جهڙي ڪوڙي شڪايت هئي ته ٻيلي، ڇو اسان سان هي ظلم ڪيو اٿو جو ساڳي ٻولي ڳالهائيندڙ اسان ٻن ڀائرن کي وڇوڙيو ته اٿو، پر الڳ الڳ هنڌن تي رهندي اسين پنهنجي زندگي ڪيئن جيئي رهيا

آهيون ...... اِها معلوميت وٺڻ کان به محروم ڪري ڇڏيو
اٿو اسان کي! ......

نقاش جي دل مان نڪتل دانهن جو شل ڪو فرياد
ٿئي- گهٽ ۾ گهٽ ڪتابن جي مٿاسٽا لاءِ ڪا راهه نڪري!

ذميداري آهي. تنهن ۾ لکڻ لاءِ وقت ڪٿان ڪڍجي؟ مان هن سان سؤ سيڪڙو شامل راءِ ٿيس. پر جڏهن ٻڌايائين ته جويو صاحب ڪيس چوندو آهي ته تون ڪيئن به وقت ڪڍي لک، تون سٺو لکندينءَ ـ تڏهن مون کي دل ۾ آيو ته ڪيس چوان: ”شمس، اها ڳالهه سچي آهي. جويو صاحب نيڪ ٿو چوي توکي. تنهنجو سوچ ويچار صاف ۽ پختو آهي. توکي پنهنجا convictions آهن. ڳالهه ڪرڻ جو پنهنجو بردبار انداز آهي. تنهنڪري تون وقت ڪڍي لکين ته سٺو.“

هي سڀ مون دل ۾ چيو هو ـ اڄ ڪيس ٿي چوان. روبرو نه ٿي پر هن لکڻيءَ جي ذريعي.

هڪ ٻي ڳالهه شمس ٻڌائي جا ڪڏهن نه وسرندي. اُن رات جو ٽي ـ وي ـ تي فيض احمد فيض کي شردانجلي پئي ڏني ويئي ته ڪنهن ميڙ ۾ فيض سان ٿيل ملاقات جي دوران شمس ۽ فيض احمد فيض جي وچ ۾ ٿيل گفتگو ٻڌائي، جا هن ريت آهي:

شمس پڇيو هو، ”فيض صاحب، هڪ ڳالهه ٿي پڇان. سچو جواب ڏجو. توهان پنهنجو غزل:

”مجهه سي پهلي سي محبت ميري محبوب نه مانگ.“

ڪنهن تي لکيو آهي... ڪنهن کي مخاطب ٿي لکيو اٿو؟“

فيض چيو هو ”ڪنهن تي به لکيو اٿم ... هِن تي هُن تي. سمجهه ڪٺي توتي لکيو اٿم.“

شمس چيو هو ”نه، اهو توهين ڪوڙ ٿا ڳالهايو. ههڙو شعر هِن هُن تي لکيل ٿي نه ٿو سگهي. ضرور ڪا گهري چوٽ کاڌي اٿو...“

۽ فيض احمد فيض صرف مشڪيو هو! مشڪندو رهيو هو. *

اُها دوشيزه شمس ڏٺي هئي ۽ هن سان ڳالهايو به هئائين. هن ذري گهٽ اِها ڳالهه قبول به ڪئي ته شاعر فيض هي غزل ڪيس مخاطب ٿي لکيو آهي- پر فيض صاحب صرف مشڪيو هو. هن ڪجهه به قبوليو نه هو.

اِن طرح شمس ۽ مون فيض احمد فيض بابت ڳالهيون ڪري جڻ هن جي الوداعي جو غم ونڊيو هو پاڻ ۾- هن عظيم شاعر سان ڪنهن کي محبت نه آهي؟

اِن ملاقات بعد مان مسز شمس سرڪيءَ کي پنهنجي بيحد ذهين ۽ قربدار ڀيڻ ٿي سمجهان.

## ”حسرتون..................“

١٤ ڏينهن سنڌ ۾ رهڻ جي اجازت ملي ۽ جيڪو دوستن جو پيار مليو، اها وڏي غنيمت تہ ڀانيون! پوءِ بہ ڪي حسرتون آهن ......

... پيٽ ڏٽيءَ جي درگاهه تي وڃي نه سگهياسين. اهو قرض رهجي ويو. شاهه پڙهي، وري پڙهي، گهڻن، تمام گهڻن سنڌين تائين سندس ڪلام جي سڳنڌ ڦهلائيندا سين. اهو قرض موٽائبو ۽ ائين موٽائبو.

... شيخ اياز سان ملاقات نه ٿي. جڏهن اياز هندستان ۾ آيو هو تڏهن اسانجي گهر رُمي روڊ تي آيو هو. اچڻو اٺين ٻجي هو، پر دير ٿي ويس رات جو ڏهين ٻجي کن راڄن چاولا کيس وٺي آيو. انتظار ڪري ڪري، اسانجا ننڍڙا شري ۽ سنڌو سمهي پيا هئا- ويندي ويندي اياز صاحب چيو، "ٻهڪجون ممتا جون لهرون ته ڏيکار."

مون ٻارڙن کي ننڊ مان ڏونڌاڙي جاڳايو. هُنن اڌ ننڊ ۾، اڌ جاڳ ۾ ڏٺو هو شيخ اياز کي. پوءِ ڪيترن ڏينهن تائين هنن جي معصوم گفتگو مون سان ٿيندي رهي.

هُو پڇن، "ممي، وري ڪڏهن ملندو- شيخ اياز؟"

مان چوان، "جڏهن اسين سنڌ هلنداسين."

"سنڌ ڪڏهن هلنداسين؟"

"جڏهن اياز صاحب اسان کي خط لکندو ته اچو، تڏهن سنڌ هلنداسين."

"ڪڏهن خط لکندو شيخ اياز؟" ... بس گفتگو جو ڪو انت ڪين هو.

جڏهن شري ٻارهين سالن کي ٿيو هو تڏهن هڪ ڏينهن منهنجي آفيس مان موٽڻ جو هونءَ کان وڌيڪ انتظار ڪري

رهيو هو ... جيئن ئي گهر ۾ گهڙيس تيئن ئي چيائين، ”ممي، اڄ، مان توکي آياز صاحب جو هڪ تمام سٺو شعر ٻڌايان-

تو ۽ تنهنجيءَ دنيا مون سان ڪيڏا وئل وهايا
موت ۾ پر مون تنهنجي جڳ کي مٺڙا گيت ٻڌايا-

مان ٻيهر ۾ به پيس ۽ خوش به ٿيس ننڍڙي شريءَ وٽان ’آياز‘ ٻڌي.

مان ته هنن جي معصوم دلين کي ريجهائڻ لاءِ دل مان جواب ڏاهي ڏ ٻيدي هيس ته آياز صاحب لکندو پوءِ هلندا سين سند- پر ڳل اهو سچ ٿي پوي ته شيخ آياز خط لکي، شريءَ ۽ سنڌوءَ کي سنڌ گهرائي!

... سائين غلام مصطفيٰ شاه جي گهر به پيرا ويس پر هن سان ڪا خاص ڳالهه ٻولهه نه ٿي. هن جي هال ۾ ديوار تي لڳل آڪل پدشاه ڪن نمونن جا لڪڻ ڪڏهن نه وسرندا، جن کو لڪڻ جو نماءُ هو. هن جا ٻي باک ۽ بلند ٽهڪ، جيڪي بند ٿين ته به ديوار ۾ جڻ پڙاڏو گونجي، اهي به نه وسرندا ۽ سنڌس سهڻيءَ نهن جون قاتل اکيون ياعمر منهنجو پيڇو ڪنديون رهيون.

... سائين محمد ابراهيم جويو صرف ڏٺم. مسٽر ۽ مسز سرڪيءَ وٽ ’ڊنر‘ جي دعوت. وقت جويو صاحب به آئي هو. پر آن ڏسڻ کي ملاقات نه چوان. صرف ڏسڻ ئي حاصل ٿيو. هڪ لفظ به آسان نه ڳالهايو.

... حميد سنڌي، انور ۽ نسرين جي گهر ملڻ آيو. اُن وقت ڪي ٻيا دوست به موجود هئا. اَدو حميد موتيءَ سان ڳالهائڻ ۾ مشغول ٿي ويس. حميد سنڌيءَ سان صرف ڪلهي ڪيڪاريم ۽ بس.

... سراج الحق ميمڻ جي گهر وڃڻ جي دعوت ملي. تنوير ۽ موتي ويا پر قمر ۽ مان وڃي نه سگهيوسين. ٻيءَ هڪ ٻن موقعن تي هن پاڻ وڃڻ مهل موڪلايو ۽ چيو، ”چڱو ڪلا ...“ بس صرف اِهو ئي ياد اَٿم.

... ڏاڏي بخش اوٺي کي نه ڄاڻ ڇو منهنجيءَ صحت، جو فڪر لڳي پيو. ٻڙيس ڪلب ۾ ۽ اُن بعد ’جبيس‘ ۾ ۽ وري هتي خط ۾ به لکي ٿو، ”توهانجي طبعيت ڪيئن آهي؟“ نعيڙي پاڻ جي اوني لاءِ مهرباني. هن سان ڪا اَهڙي ملاقات نه ٿي سگهي جو مان هن جي باري ۾ ڪجهه ڄاڻي سگهان.

... وليرام ولڀ جي سباجهي ڏيءُ گوري، ٻيءُ سان گڏ خاص حيدرآباد مان ڪراچيءَ آئي، اَسان سان ملڻ لاءِ. هن کي هڪ ڳراٽڙي به نه پائي سگهيس. اَسين ڪتي لنڊن لاءِ وياسين ۽ موٽياسين ته گوري وڃي چڪي هئي ...

... ياڳ سيال، خاص حيدراباد مان آيو هو. اَنور ۽ نسرين جي گهر مختصر ملاقات ٿي. هن پنهنجي ڇپيل آکاڻي پڙهڻ لاءِ ڏني جيڪا اَڌ ڪن مون اُتي ئي پڙهي. بعد ۾ اُها مخزن هٿ نه آئي آهي. هن جي حب پاڻ سان کڻي آئي آهيان. اُميد ته سندس آکاڻي ڪڏهن 'آرسيءَ' ۾ پڙهڻ لاءِ ملندي.

... ڊاڪٽر حميده کهڙي جي گهر سڏايل مشاعري ۾ منهنجي هڪ ننڍڙي ياڳ شعر پڙهيو جو اَسان تي لکيو هئائين. اُن جي هڪ سٽ جو مطلب هو ته اَسين اُهي آهيون جن هند ۾ وڃي به سنڌ جي مٽي لڳڻ تان نه لاٿي آهي. اَسان جي جذبات جو هي اظهار بيحد بيحد وڻيو هوم. مشاعري بعد منهن سامهون مليو ته مون سندس مٿي تي هٿ رکيو. نه ئي هن سان ڳالهائي سگهيس ۽ نه ئي هن جو نالو ياد اَٿم.

... زينيءَ نالي هڪ ڌرم جي ڌيءُ اَٿم. هوءَ نواب شاه ۾ رهندي آهي. منهنجو ناول پڙهي مون طرف دوستيءَ جو هٿ وڌايو هئائين. هن سان ملڻ لاءِ گهڻي تمنا هئي، پر فون تي به ڪانٽيڪٽ نه ٿي سگهيو.

... عاشق عارباڻي اَسانجو من پسند اَداڪار آهي. پر اَهڙي من پسند ملاقات هن سان نه ٿي جهڙي اَسان چاهي هئي.

... مان خانواهڻ وڃي نہ سگھيس. خانواهڻ کان ٿورڙو پري هڪ ٻيو ٻہ ڳوٺ هو محبت ديرو. نہ ڄاڻ هاڻي آهي يا پڙپانگ تي ويو آهي- دنيا ۾ محبت-ديرو مٽائڻ جي ڪوشش پگن کان آهي. اسان لاءِ سڄي سنڌ محبت-ديرو آهي- شل شاهه جي سنڌ- شاهه جو محبت ديرو آباد هجي.

حسرتون ۽ ارمان ڪي ڳڻڻ جا آهن؟ اِها هڪ حسرت تہ اسين سنڌ ۾ رهي نہ ٿا سگھون ... ڪافي آهي دل دکوئڻ لاءِ. جيسين ساهه ذري آهي، ساهه تانگھيندو رهندو سنڌ لاءِ.

هي ڪتاب پورو ڪيو اٿم تہ ٽيپ رڪارڊر تي عابده پروين جي آواز ۾ شاعر تاجل بيوس جو ڪلام پيئي ٻڌان... دل جهوريندڙ ڪلام، جنهن جا لفظ جيترا پيارا آهن اوترو درد انگيز، عابده پروين جو آهي پيش ڪرڻ جو انداز آهي.

سنڌ منهنجي امان
سنڌ تنهنجي امان
سونهن تنهنجيءَ مٽان
ڇا لکي ڇا لکان؟ ڇا لکي ڇا لکان؟
هڪ قلم، هڪڙو مان،
ڪيئن پورو پوان؟
ڇا لکي ڇا لکان؟ ڇا لکي ڇا لکان؟
تنهنجي ماڻهن ڪي سيني ۾ سانڍيو وتان،
تنهنجي لاٽن لٽين کي ٻہ چندن چوان،

شال تنهنجيءَ ٿي ڪک مان پيو هر هر ڄمان،
ڪير تنهنجو پيشان، وير تنهنجو ٿيان،
ڇا لڪي ڇا لڪان؟ ڇا لڪي ڇا لڪان؟
سعد منهنجي آمان!

ڏوڙي پنهنجي بستري تي ويٺو ۽ وڏي اطمينان سان چيائين، ”ڪلهه مونکي ايڏي آزاديءَ جو احساس ٿو ٿئي جو بيان نه ٿو ڪري سگهان. ڪنهن وٽ مهمان ٿي رهڻ ۽ هيٺين هوٽل ۾ رهڻ ۾ وڏو فرق آهي.“

موتي اخبار تي سرسري نظر وجهي رهيو هو ان مهل. هن اخبار پاسيري ڪندي موهن کي چيو، ”پر يار موهن... انور ۽ نسرين جهڙا ميزبان ڪٿي ملن- مون کي انور مان سڳي ڀاءُ جهڙو سواد ٿو اچي.“

”اڙي ......“موهن پنهنجي مخصوص انداز ۾ اڙي ... چيو ۽ پوءِ چيائين: “Such beautiful people they are!”

ان بعد موهن ۽ موتيءَ گڏجي بلاليءَ کي به ياد ڪيو.

اڏي بلاليءَ جي مهمان نوازيءَ ۾ به قربن جا ڪوٽ ڀريل هئا.

موهن نه ڪڏهن ياد ئي ڪين رکي ته ڪو اسين مڊل ڪلاس ماڻهو آهيون. هن جو هٿ هر وقت ڇوٽ رهندو آهي ۽ پئسو خرچڻ مهل سندس وهنوار ڪجهه اهڙو هوندو آهي جو لڳندو آهي ته ڄائي ڄم کان امير ماڻهو آهي! ان ڳالهه جو اتي به هڪ ثبوت مليو. هن ڪراچيءَ ۾ اسان کي پنهنجو اصلوڪو گهر ڏيکاريو جيڪو بلڪل ئي عاليشان بنگلي جي شڪل صورت وارو هو. ڪشادو لوهي دروازو... پوءِ گاهه گلڪاري ۽ پوءِ بنگلو... ورهاڱي کان اڳ جيڪي به ماڻهو ٽڪريءَ تي اهڙن سهڻن گهرن ۾ رهندا هئا، تن کي ئي امير ماڻهو ڪري ليکيو ويندو هو.

ڪراچيءَ ۾ پهچي، موهن جي من اندر جو ’شخص‘ به جاڳي پيو ۽ ليکڪ به جاڳي پيو. روزاني زندگيءَ ۾ جيڪي نقاب چاڙهي هلڻو ٿو پوي سي لهي ويا- روحاني طرح بلڪل

’جبيس‘ کي ڇڏي ڏني. هڪ ته انور ۽ نسرين جي محبت ڇڪي رهي هئي ۽ ٻيو ته اَدو ظفر به ڄامشوري مان ڪراچيءَ، اَنور وٽ اَچي ويو هو ۽ ٽيون ته موهن جي غير حاضريءَ ۾ ’جبيس‘ ۾ رهڻ به ڏاڍو ڏکيو هو. جنهن شام جو تنوير عباسي ۽ ماهتاب آيا، اُن ئي شام جو موهن جي هوائي جهاز جي ٽڪيٽ بوڪ ٿي چڪي هئي ۽ سندس اُسهڻ ۾ ٢٤ ڪلاڪن کان به گهٽ وقت هو ... تنهنڪري موهن اُها شام به مزي ۾ نه هو. حقيقت ۾ هن اُها شام بلڪل اَڪيلائيءَ ۾ گهارڻ پئي گهري. پر محبوب ... ۽ ماهتاب- تنوير ۽ قمر کي ڇڏي هو ڪيڏانهن وڃي نه سگهيو.

هن کي قمر ڏاڍي بردبار ۽ جرئت واري عورت لڳي ۽ محبوب سان بيحد گهڻي محبت ٿي وئس-

موهن جنهن ڏينهن اُسهيو تنهنجي ٻئي ڏينهن صبح جو دبئيءَ مان فون تــي ڳالهايائين- ته قاسيءَ جي تختي تي چڙهڻ بعد به هو حيات آهي! جڻ هن جي ڳالهائڻ مان اِئين لڳو ته زندگي وري نئين، جيئڻ جهڙي ٿي وئي آهي. ڪراچيءَ ۾ جيڪي ڏهه ڏينهن هو سي ڏهه ڏينهن زندگي بامقصد لڳي هئس. بامقصد يا بي مقصد، پر موهن کي جيئڻو ته آهي ئي . روپ ۽ شلپي- شرتيءَ خاطر. روپ، جنهن قدم قدم تي موهن کــي سهڻو ساٿ ڏنو آهي. هر سک ۽ ڏک هنن ٻنهي گڏ ماڻيو ڀوڳيو آهي. شاهوڪاريءَ، غريبيءَ ٻنهي سان ڪلهي ڪلهي نباهيو اٿــس ۽ روپ ...... توڙي جو موهن سان هن هزارين متڀيد هجن، پــوءِ به سندس گهڻي عزت، بيحد گهڻي عزت ڪندي آهي- تــه موهن سنڌ جو سفر ڪري اَچي، اِهو سپنو ساڪار ٿئي موهن جو ......
اِن ڳالهه ۾ به روپ جو ساٿ سهڪار هو!

موهن کي اُهڙيءَ روپ جو عشق ۽ پنهنجين ٻن نياڻين جو موه ڪراچيءَ مان واپس وٺي آيو نه ته موهن کي لڳي ٿو ته جذبات جي اُڌڙن تي ڇوڪي ها ته موهن کي ڇو ڪيپي ويڙا ڪراچيءَ ۾ رهڻ لاءِ. هيءَ منهنجي جنم ڀومي آهي. هتي منهنجو گهر آهي ...... اُهوئي لوهي دروازي وارو ۽ شاندار بنگلي جهڙو گهر! ......

پياريءَ ٻار جنهنجو روح رلندو رهيو ...

پروفيسر اَياز قادري ۽ پروفيسر نوازعلي شوق سليم ميمڻ تائين رهن …… ۽ اُن ڪراچيءَ ۾ جبيس هوٽل آهي جتي موتيءَ کي تنوير عباسي ۽ قمر اَچي مليا، ماهتاب ۽ محبوب اَچي پهتا، سوڀو گيانچنداڻي، رشيد ڀٽي ۽ عاشق عارباڻي آيا، بيدل مسرور ۽ شوڪت ڪيهر آيا …… سلطانا وقاصيءَ اَچي ڳولي لڌو …… اُها ڪراچي هاڻي موتيءَ جي دل جي ڌڙڪڻ بڻجي ويئي آهي! جيڪو وس پڄيس ته هر موڪل ۾ پڪيءَ وارا پر ڪري ڪراچيءَ وڃي ۽ اَنور ۽ نسرين جي گهر وڃي رهي ڇو ته اَنور ۽ ظفر مان هن کي سڳين ڀائرن جهڙو سواد ٿو اَچي …… ۽ عابده پروين ۽ شيخ سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي ڪچهريون ڪري …… هنن جي ڪچهرين ۾ شاهه، سچل کان وٺي سنڌ هند جا سڀئي شاعر، نارائڻ شيام ۽ شيخ اَياز …… تنوير، راهي، وفا …… سڀ جا سڀ شامل هوندا آهن. ڪي ڪلام عابده ڳائيندي ته ڪي ڇٽي ٻڌائيندي- موتي به شعرن مٿان شعر چوندو ويندو. وقتي ڳائي به ٻڌائيندو. غلام حسين شيخ پيو مرڪندو ۽ فرمائشون ڪندو … باقي جيڪي ويٺل هوندا تن کي زبان تي تالو لڳي ويندو ڇو ته هنن ٽنهين کي سمجهه اِي نه پوندي آهي ته ڪهڙيءَ دنيا ۾ آهن …… ۽ ڪو به هنن جي اُن بي سرتيءَ واريءَ دنيا ۾ دخل ڏيڻ نه چاهيندو! موتيءَ جي دلي آرزو آهي ته عابده جيئن سنڌ جي شاعرن کي ڳائي ٿي، تيئن هند ۾ رهندڙ سنڌي شاعرن کي به ڳائي. ڪراچيءَ ۾ هن وڏي سڪون سان ڀٽي اها ڳالهه هرهنڌ ٻڌائي: ”اَسان ڏٺيءَ ۾ عابده کان نارائڻ شيام ڳارايو.“

اِها ڳالهه چوڻ مهل موتي جڻ چوندو هجي، ”اَسانجي به آهي عابده پروين.“

حقيقت ۾ عابده موتيءَ جي هڪ ڪافي به ٽي.ويءَ جي سنڌي پروگرام ۾ ڳائي، ۽ موتيءَ اها ڳالهه ڪئي ته ڪانه ٻڌائي ...... پنهنجي لاچاري سياءَ سبب!

هونءَ به شاعر موتيءَ جو دستور نرالو آهي. هن کي پنهنجي شاعر دوستن جو ڪلام تمام گهڻو ياد آهي. پنهنجو ڪلام ايترو گهٽ ياد اٿس، جو اڪثر پنهنجا شعر ٻڌائڻ وقت پنهنجي شعرن جي مجموعي يا ڊائريءَ جي مدد وٺندو آهي. ڪراچيءَ ۾ به ائين ئي ٿيو. اتي ڪل چار ادبي ميڙ ٿيا. پهريون ڪراچي پريس ڪلب ۾، ٻيو ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾، ٽيون مشاعرو ٿيو ڊاڪٽر حميده کهڙي جي گهر ۾ ۽ چوٿون ڪراچيءَ جي نوجوان اديبن ميڙ رکيو ڪنهن اديب دوست جي گهر ۾. انهن سڀني ميڙن ۾ موتيءَ پنهنجي شاعراڻي دستور سان نباهيندي، شروعات عزيز صاحب جي ڪلام سان ڪئي. عزيز جي غزل جو خاص ڪري هيءُ شعر:

ديس پنهنجو ڇڏي پرديس وسائي ويٺا،
روح جي جن سان رچي، ماڳ مٽائي ويٺا.

ته سنڌين جي دل جي صدا ثابت ٿيو.

عزيز صاحب جي ڪلام بعد موتيءَ پنهنجي محبوب شاعر شيام جو ڪلام ٻڌايو. هن جي هڪ غزل جو جڏهن هي شعر ٻڌايائين:

چنگ ڪرڻ هٿ ۾، مون سر تان هٿ ڪنيو
توئي تي گرنار جون ڳالهيون ڪنيون!

تڏهن حاضرين جون تاڙيون بند ٿي نه ٿيون.

شيام جي بئي غزل جو هڪ شعر چوندي موتيءَ جون بابوءِ پريل نظرون نوجوانن جي مٿان ٽڪيل هيون. اهو شعر آهي:

جي پوري پاريم اُنهن مان نسٽ نيون،
مون پنيان جوتيون سدا جلنديون پيون.

ڄڻ موتي نوجوانن کي چوندو هجي ته اڳ واري نسل جيڪي مشعالون توهانجي اندر ۾ جلايون آهن، اُنهن مشعالن مان وهين، وري توهان کان پوءِ جي نسل جي جهوليءَ ۾ ڇٽڪ ڏجهندا اِها اميد اٿئون، وشواس اٿئون ۽ وقت جي ڪار به اِها ئي آهي! موتيءَ هونءَ به ڪراچيءَ ۾ رهندڙ اُنهن نوجوانن، جن جو جنم ١٩٤٧ بعد ٿيو آهي ۽ جن ورهاڱي جو وِئل اکئين نه ڏٺو آهي، تن جي سک ۽ لگن کي سڃاتو ۽ کين الڳ اهميت ڏني.

ادبي ميڙن ۾ شعر چوندي موتيءَ جي شعرن جي چوند لاجواب هئي! ڪرشن راهيءَ جي شعر جون هي سٽون چيائين:

تون اڄ جنهن راهه تان گذري رهيو آهين، اي راهي! ڏس،
ڪٿي اِن راهه تي منهنجي به پيرن جو نشان هوندو.

تڏهن سڀني دل به پوڄي هئي آئي ۽ ٻڌندڙن جي واهه-واهه چوڻ ۾ به ڄڻ آلاڻ هئي- ڄڻ موتي اُن مهل ڪراچيءَ جي سڄڻن ۽ گهٽين، ٽوٽي ادبي راهن تي پنهنجي ۽ پنهنجن

سيني اُنهن سنڌ مان لڏي ويل سنڌي اَديب دوستن جي پيرن جا نشان ڳوليندو هجي يا ڳولڻ لاءِ حاضر سائين کي اِلتجا ڪندو هجي ...... اهي پيرن جا نشان جن کي وقت لٽي نه سگهيو هو ۽ نه لٽي سگهندو!

آخر ۾ هن پنهنجا شعر ٻڌايا. موتيءَ سان ڪچهري، اهڙو نيو ...... جيئن ته زماني بعد ڪو پنهنجو ملي وڃي ؟ ماڻهوءَ جي دل ڇلي پوي، تيئن ڇلي پيو موتي ...... پنهنجو 'پريشاني' عنوان وارو شعر ٻڌائڻ مهل ٻڌندڙن کي پريشان ڪري ڇڏيائين، ڇو ته اُن ۾ هڪ حساس، نازڪ طبع غريب اِنسان جي اَڪيلائيءَ جو ذڪر آهي. نظم جي آخرين بند ۾ هڪ فرد جي پريشانيءَ کي عالمگير ماحول عطا ٿيل آهي:

پريشان دل، پريشان دل جي هرڪا آرزو آهي،
پريشان هيءَ زمين آهي، پريشان آسمان آهي،
پريشان آهي گهر هرڪو، پريشان هر گلي آهي،
پريشان زندگي آهي، پريشان هي جهان آهي.

سندس ٻڌايل هڪ ٻيو شعر به ڪنن ۾ پيو ٻُرم:

نه سي پوه پارا، سي سيءَ سائين
نه سالن کان سنيهڙون ٿا سنڌ جا سيارا!

ساڳئي ئي غزل جا ٻيا شعر آهن:

لهوءَ سان سڄي سنڌ ٿي لال ويئي
ڪٿا سنڌ جا تم به نه سرويچ سارا

سدا سنڌ پرڪاش! رهندي سهاڳڻ
سندس سينڌ جا چمڪندا پيا ستارا

هي شعر ٻڌائيندي حاضرين جو داد ته موتيءَ کي مليو ئي مليو پر انهن ميڙن ۾ جڻ اُها هوا گهلي جيڪا اُن وقت سنڌ ۾ گهلي رهي هئي. صرف هڪ مهينو اَڳ نوڙهي اسٽيشن تي ٽيهارو کن سنڌي نوجوان فوت ٿيا هئا ۽ سنڌ جي هوا ۾ انهن جي موت جو ڏک سمايل هو...... موتيءَ جڻ هي شعر چئي سنڌ جي اُن ڏک ۾ شرڪت به ڪئي ۽ انهن جوانن کي شرڌانجلي به ڏني.

موتي پنهنجو اهو نظم ڪيئن نه ٻڌائي. جيڪو پارٽ ۾ هر اَدبي سميلن ۽ سيمينار ۾ قومي ترانـي وانگر ڳايو ويندو آهي...... ڪراچي پريس ڪلب واري گڏجاڻيءَ ۾ ته موهن کيس چيو ته شروعات ئي ان شعر سان ڪر. ڪٿي پهرين، ڪٿي آخر ۾، پر هر ميڙ ۾ موتيءَ پنهنجو اِهو نظم ٻڌايو.

اولاد ۾ جوش جڳائڻ وارا سنڌي
مٽيءَ مان سون بڻائڻ وارا سنڌي.

بس، ٻڌندڙن جا ڳاٽ اوچا ٿي ويا ۽ واهه-واهه جو آواز وڌيڪ بلند ٿي ويو! خاص ڪري جڏهن ٻيون شعر چيائين:

موهن جي دڙي جيان دبجي اوچا رهندا،
طوفان زلزلا، سوُر ۽ سختيون سهندا،
هيمونءَ جيان ڦاسي کائيندا

پنهنجو ت ۽ ت نار
منهنجو روح رلندو رهيو.

ڇولين جو ڇا ڇوهه هو!
ڇيرن جي ڇمڪار-
منهنجو روح رلندو رهيو ......

ٻائي سيتارام جي
گار مٿان هٿي گار
منهنجو روح رلندو رهيو ......

ليڙن ۾ لڪ ڇپ رمن
ميربڙو جا يار
منهنجو روح رلندو رهيو ......

۽ آخر ۾ ... ... ... ... ... ...

٤ آخر ... ... ... ... ... ... ... ...

ڏسي دل زور زور سان ڌڪ ڌڪ ڪئي- روح ڦٿڪڻ لڳو ته بس، هاڻي سيڪنڊن اندر هيءَ ڏاڪڻ چڙهنديس ۽ ڀرئين ماڙيءَ تي پنهنجي گهر جو بالڪنيءَ وارو دروازو کڙڪائينديس. منهنجي نت واري ناني اچي در کوليندي ۽ چوندي، "اُبهرائيءَ سان نه، پر آهستي ڪمري ۾ هل ۽ هلي پڙهه. ماڻهين کي خبر پوندي ته هيڏي ديـر رات بعد آئي آهين ته هڏ ڀڃي وجهندءِ ......" ڏاڪـڻ به چڙهي ويس پر بالڪنيءَ وارو در نه کليو. جيڪو پلو نيڊگر ساڻ وٺي هليو هو، تنهن ٻيو در کوليو جيڪو رنڌڻي جي لڳ هو. ڪٿي هئي نت واري اما؟ ۽ ناني؟ منهنجو ٻي نور ڏاڏو ڪٿي هو؟ ڪٿي هـو منهنجو پيءُ؟ منهنجا چاچا، سوٽ سوٽيون؟ ۽ ڪٿي هئي رنڌڻي ۾ منهنجي ماءُ، جيڪا ڦلڪا پچائيندي هئي ۽ چوي ته ڀرين هٿ منهن ڌوءُ، پوءِ اندر گهڙ. راند وارا ٻير ڪٽي اندر ڪيڏانهن ٿـي وڃين ...... ۽ اَمڙ جيڪل اَڄ گهڻو رات تائين مار چو نه ٿي ڏئي؟ تڏهن اَڌ ڪلاڪ، ڪلاڪ راند ڪرڻ يـا رلـڻ ويندي هئس ته اَمڙ ماريندي هئي يا دڙڪا ڏيندي هئي- اَڄ چو خاموش آهي اَمڙ منهنجي؟ اَڄ ته ڏاڍي مار ملڻ کپيم جـو سنٽيه سال رلي پئي، پوءِ آئي آهيان ...... صرف سج لهڻ بعد نه آئي آهيان ...... پر زندگيءَ جو سج لهڻ تي آهـي تڏهن آئي آهيان ...... نه، اَمڙ رنڌڻي ۾ ڪانهي. منهنجا چاچا چاچيون ڪينهن. وچين ڪمري ۾ ڏاڏو سائين به ڪونهي. بالڪنيءَ ۾ وڏي ميز به ڪانهي، جنهن ۾ اَسانجا ڪتاب رکيا هوندا هئا- اُتـي هـڪ وچولي عمر واري عورت ۽ هڪ ننڍڙي نيڊگر ۽ هڪُ نوجوان پلو نيڊگر جيڪو مـونکي پنهنجي گهر وٺي هليو، سي ٽي ڄڻا موجود آهن ...... هاڻي هيءَ هنن

”ڏيرج“، ”شاعر ڇا کي چئجي“ ۽ ”شاهه عبداللطيف“
(”شاهه ڀٽائي جو احوال“ مان) — مرزا قليچ بيگ
”محنت“ ۽ ”جيمس واٽ“ (”خود ياوري“ مان) — ”
”سفر يا سير ڪرڻ“ (”مقالات الحڪمت“ مان) — ”
”هيڪلائيءَ ۾ رهڻ جو سک“ ۽ ”مائر جو بيان“
(”راسيلاس“ مان) — ساڌو نولراءِ ۽ اُڌارام
”علم سکڻ جي ضرورت“ (”پکو پهه“ مان) — ڪوڙومل چندنمل
”نرويرتا جو قل“ (”قول مالا“ مان) — ”
”سچي جيوت“ (”ساميءَ جي سلوڪن جو تات پرج“ مان)
— ديارام گدومل
”يوگ مان فائدا“ (”ڀاڳوت گيتا“ مان) — ”
”انگريزي راڄ جي وڏي نعمت ڪهڙي؟“
(”هندستان جو ديس واسي“ مان) — تاراچند شوقيرام
”گورستان مان گذر“ — — عبدالحئي.

ڏيارام وسڻمل صاحب، جمناداس سنڌاڻيءَ سان شراڪت ۾، هڪ ٻيو ليکن جو سنگرهه پڻ ”چونڊ سنڌي نثر“ نالي ۱۹۳۵ ۾ ڪڍيو هو، جنهن ۾ جهونن لکندڙن جا وسري وڃڻ کان بچائڻ لائق مضمون، جي مٿين تذڪرن ۾ نه اچي سگهيا آهن، سي هئا:-

”دنيا جي هئڻ يا نه هئڻ مان ڏک“ (”گل“ مان) — ڪيولرام سلامتراءِ
”مهاراڻي وڪٽوريا صاحبه جو اشتهار“ — ترجمان نامعلوم
”سلطانه رضيه بيگم“ (”تحفه النسوان“ مان) — مرزا قليچ بيگ
”جانورن ۾ خدا جي ذاتي ظاهر آهي“
(”فرائض انسان“ مان) — ”
”پرائي پيڙ“ (”سداچار“ مان) — — ليلارام پريمچند
”مولانا جلال الدين رومي“ — ”
”سنڌي ساهت جي اجوڪي حالت“
(”سرها گل“ جي تمهيد مان) — عمرالدين دائود پوٽو

ڇڙي ڇڙي تي ڀاڪا ۽ چوٽيون ۽ سگهڙن جا قول مثال طور آڻيندا هئا، جنهن جي باجهاريءَ ٻوليءَ ۾ نڪي عربيءَ ۽ فارسيءَ جا اڙانگا لفظ هوندا هئا، ۽ نڪي سنسڪرت جا ڳاٽي ٽوڙ ڪلما، ۽ جنهن جي زبان ۾ عجب قسم جي رواني ۽ شستگي هوندي هئي، تنهن پويان اڄ اڪثر رڳو شيڪسپيئر ۽ شيليءَ جا شيدائي ٿي، پنهنجو ورثو وساري، پراون ڍڳن تي احمقن وانگر نچي رهيا آهن. نڪي مغربي شايستگيءَ مان ڪا هڙ حاصل ٿي اٿن، ۽ نڪي پنهنجن وڏن جي فيض مان ڪو حصو پرايو اٿن؛ ڪانءَ وانگر مور جي رفتار تي موهت ٿي، پنهنجو چال به ڪاري ڇڏيو اٿن. اها سڀ اسان جي بيپرواهيءَ جي شامت آهي. هينئر به جيڪڏهن ڪوشش ٿئي، ۽ هر هڪ ننڍو وڏو پڪو پهه ڪري، پنهنجي اباڻي ميراث لاءِ واجهه وجهي، ته هوند تاريخ ۽ علم ادب جو چڱو سرمايو موجود ٿي پوي."

هن مجموعي جي اها خصوصيت جا تاليف ڪيل ڪتابن ۾ پهريون دفعو نمودار ٿي، سا اِها ته ڏيارام صاحب مضمونن جي مهڙ ۾ هر هڪ لکندڙ جي شخصيت ۽ سندس تصنيفن جي بابت مختصر ڇنڊڪا ڏيئي ساڻس واقفيت ڪرائي هئي. تنهنڪان سواءِ، "**سنڌي نثر تي نظر**" جي سري سان هڪ تاريخي مهاڳ به لکيو هئائين، جنهن ۾ پهريون ئي دفعو سنڌي نثر جي اوسر جو مختصر احوال ڏنل هو.

**پيرومل مهرچند** پڻ هڪ سنڌي نثر جو انتخاب "**گلزار نثر**"* نالي سان ١٩٢٩ ۾ ڇپايو هو، جنهنجو مهاڳ پروفيسر لعلسنگهه اجواڻيءَ لکيو هو، ۽ پيرومل صاحب خود

*پيرومل صاحب "گلزار نظم نالي" مجموعو ١٩٠٩ ۾ ڪڍيو هو، جو سنڌي شعر جو پهريون انتخاب هو.

اعليٰ درجي وارو قصو زندگيءَ مان ئي اُيرڪي ٿو، زندگيءَ تي ئي دارومدار آٿس ۽ اُهي شيون جي حياتيءَ سان واسطو رکندڙ آهن، تن کان لاپروا ٿي نٿو سگهي. سچ پڇ ته اَفسانو اِنسان جي علمن جو هڪ دفتر آهي ... ناول ۾ اهو ضروري آهي ته ڪنهن نه ڪنهن مقصد کي پيش نظر رکجي ۽ اخلاق جي دامن هٿان نه ڇڏجي. المقصد ته ناول ۾ مصنف کي نــہ فقط بامعنيٰ پر مراد ۽ دلچسپ آکاڻي قلمبند ڪرڻ گهرجي، پر ساڳئي وقت ڪيس اخلاقي اصلاح جو به خيال رکڻو آهي ۽ اِنسان کي حياتيءَ جي نشيب فراز کان به آگاهه ڪرڻو آهي جيئن پڙهندڙن لاءِ دستور اَلعمل ڪم ڏئي."

## داخلي يا شخصي مضمونن جا مجموعا

هاڻي اُنهن تصنيف ڪيل مجموعن جو بيان ڪبو جنهن ۾ ڏنگي مضمون هڪڙي ئي لکندڙ جا هجن، جن مان ئي مصنف جي خيالن ۽ احساسن دواران سندس شخصيت پروڙڻ جو اُصول پورو ٿي سگهي ٿو، ۽ جنکي داخلي يا شخصي مضمون(subjective essays) ڪوٺبو آهي. اُنهن مان پهريون مجموعو هو **پرمانند ميوارام** جو **"گل ڦل"**، جنهنجو پهريون ڀاڱو ۱۹۲۵ ۾ ۽ ٻيون ڀاڱو ۱۹۳٦ ۾ نڪتو. اهي ڪتاب پرمانند صاحب "جوت" اخبار جي ڇهون ننڍن فقرن مان پنهنجا بهترين مضمون ۽ ٻين ڪن لکندڙن جا به ٿورا مضمون چونڊي ڇپايا هئا. هن صاحب جي اعليٰ مضمون نويسيءَ جو مثال "جوت" اخبار جي فقري هيٺ آڳيئي ڏنل آهن. هتي فقط "گل ڦل" جي پهرئين ڀاڱي جي ديباچي مان هڪ ٽڪر ڏجي ٿو، جنهن مان پرمانند صاحب جي مضمونن جي وسيع دائري جي پروڙ پوندي:- "ڪن دوستن جي صلاح تي، خاص ڪري پروفيسر ايڇ- ايم- گربخشاڻي ايم- اي- جـي، ته "جوت" ۾ ڇپيل وارو ورهين کان جي طرح طرح جا مضمون پيا آهن، ڇا اخلاقي، ڇا تعليمي، ڇا تواريخي، ڇا سائنس جا، ڇا جيتن، پکين

نڪته چيني، ورزش ۽ صحت تي ويچار ۽ سائنس جي کوجنائن تي چٽڪا، سڀ رنگ ٿـي نڪين ۾ اچن ٿا. منهنجي وات ٿـي پنهنجي آهي. لتاڙيل سڙڪ تان آءٌ هلان ٿي ڪونہ ٿو.” هن حوالي مان نہ فقط مضمونن جي گوناگونيءَ جـي سڌ پوي ٿي، پر لعلچند صاحب جي خود خياليءَ ۽ دريتا جو بہ سماءُ ٿو پوي، جنهنڪري پاڻتي ”ڏکر“ جو لقب لڳائڻ ۾ بہ فخر سمجهندو هو. هن مجموعي جا گوناگون مضمون هئا: ”آسمان جو نظارو“، ”پساري ۽ ڳـوناٽا، نقاش ۽ شاعر“، ”پريم“، ”چمن هند“، ”اڪبر اعظم“، ”شواجي“، ”هند جاوا! اٿ، اُٿي ڀار“، ”نيلگري“، ”ڪرشناڪماري“ ۽ ”شاعر ڪير؟“، ”جيوت، چتا پيتين جو سلسلو“، ”شاهہ ۽ سچل“، ”اچرج جهڙيون رسمون ۽ رواج“، ”خط (سنسار جو شاندار آئيندو)“، ”ٻاهر وارن سان هندستان جي ڏيتي ليتي“، ”ڳوٺن وارو پنچاتي سرشتو“، ۽ ”آڳاٽي هندستان جا وديا پيٺ يا دارالعلوم“.

ڪي سال پوءِ لعلچند **”سدا گلاب“** نالي سان ٽاگور جي Gordener وارن جوانيءَ جي نفيس اُمنگن ڀريل گيتن جو ترجمو، پنهنجي اصطلاحي نثر ۾ ڪري ڇپايو هو، جن جي اوٽ تـي پنهنجا بہ ڪـي جذباتي ٽڪرا لکـي اُن ڪتاب ۾ ملائي ڇڏيا هئائين.

١٩٣٣-٣٤ ڌاري، هڪ سنڌي وِدوان، جو منڍ ۾ سنڌ کان ٻاهر آرٽڪ آچاريہ هوندو هو ۽ آخر سياسي اڳوان ٿيو، سو اچانڪ سنڌي ساهت جي آڪاس ۾ نئون ستارو ٿي اُڀريو. ١٩٢٩ وارين ڀوڏن ۾ ذڪر جـي سمي، سنڌ جي ڳوٺن ۾ ڪانگريس ۽ مهاتما گانڌيءَ پاران دان ڀريا دؤر ڪندي، **پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻيءَ ”ڳوٺاڻي ڇهر“** جا بہ ڀاڱا لکي ڪڍيا، جنہ ڳوٺاڻن جي زندگيءَ ۽ سندن دکن سکن جو نقشو وفاداريءَ ۽ همدرديءَ سان هڪ پاسي چٽيائين، تہ ٻئي پاسي ڳوٺاڻن جي ڇهري ٻوليءَ

۽ جيوت ۾ ٿوڙي ساهتيه ۾ مرڪ ۽ لڙڪ اَصل پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن.“
پر هڪ اَفسوس جي ڳالهه آهي جو هن سنگره جو نالو فارسي صورت ۾ ڏنل آهي: ”اَنار دانه“ بدران جيڪڏهن ”اَنار داڻا“ ڪري ڪوٺيس ها ته ڪهڙو نه سهڻو سنڌي نالو ٿي پوي ها!

مٿي ذڪر ڪيل ڪتابن کانسواءِ، پروفيسر ملڪاڻيءَ ٻيا به مضمونن جا ڪتاب لکيا هئا. ۱۹۲۷ ڌاري عام واقفيت جو ڪتاب **”سنڌ جا هنر“** لکيائين، جنهن ۾ گوناگون سان سوال جواب ذريعي، سنڌ جي قديم ۽ مشهور هنرن ۽ دستڪارين جا احوال ۽ بيان ڏنل هئا، مثلاً نتي جون لونگيون، بوبڪن جا غاليچا، نصرپور جا کيس ۽ هالن جون سوسيون وغيره. **”مهاتما سان ڳالهيون“** (۱۹۳۵) ۾ اُنهن ڳالهين جو بيان ڏنل هو جي هن صاحب مهاتما گانڌيءَ سان ڪيون هيون جڏهن هو ٻن ڏوري تي ساڻس ڪجهه وقت گذاريو هئائين. هن ڪتاب مان سٺا مضمون هئا: ”گوري گوپي“، ”سامهه واد تي خيال“ ۽ ”ذات پات ۽ اڇوتپڻو“، جن مان پڙهندڙ وارا به اُنهن اهم مسئلن تي مهاتما جي خيالن کان واقف ڪن ٿا. ۱۹۴۴ ۾ ملڪاڻي صاحب مهاتما جي هڪڙي پستڪ جو ترجمو **”يوڳه کين جوڳه“** نالي سان ڪيو هو، جنهن ۾ اُن وشيه تي گانڌيءَ جا ويچار ظاهر ڪيل هئا.

**ديوان واڌومل گنگارام** اُهو بزرگ مصنف هو، جنهن ساري ڄمار گوشي نشينيءَ ۾، پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ پنهنجو نُور پي ڇڏيو، ۽ آخر زندگيءَ جي پوئياڙيءَ ۾ هڪ لڪل لعل وانگر پنهنجو جوهر ڏيکاريو. ديوان صاحب جا ڪي پنگتي ليک پهرئين ”ديش متر“ اخبار ۾ پوڻ لڳا هئا، جنهن ويچارن جي سنجيدگيءَ، آزمودي جي اونهائيءَ ۽ لکڻيءَ جي بي ڊپائيءَ سنڌي سماج جي خيرخواهن جا ڌيان ڇڪائي ڇڏيا هئا. خصوصاً هن صاحب جي سپڪ ۽ مجمل عبارت، ننڍن ننڍن ٽوريل ٽڪيل جملن واري، جنهن ۾ گويا ڪوزي ۾ درياهه سمايل هوندو هو، تنهن مان اُهو

آهي جيسين اُن قانون جي حدن اندر هر فرد لاءِ ڪافي موقعو هجي ته پنهنجون گهرجون پوريون ڪري سگهي ... جا سماج اُنياءَ ۽ اَڌرت تي ٻڌل آهي، جنهن سماج ۾ نئين اُسرندڙ حياتيءَ کي قلڻ ڦولڻ جو موقعو نه آهي، ۽ جنهن ۾ قانون قاعدا، ڌرم رسم، فقط ڪن ٿورن پيٽ پرين ۽ حريفن جي حفاظت لاءِ آهن، تنهنکي ڊاهڻ ثواب آهي."

"ڇڪون" جي مهاڳ ۾ **حيدربخش جتوئي** صاحب، لکندڙ کي "مشرق ۽ مغرب جي اَدبيات ۽ اَثرات کان ڪافي ماهر" هجڻ لاءِ جيڪو داد ڏنو هو سو بيشڪ روا آهي. مغرب ۽ مشرق جي خيالات ۾ ماهر هئڻ ڪانسواءِ وسنت صاحب کي مشرق جي ٻن قديمي ٻولين، فارسيءَ ۽ هنديءَ تي به چڱو دسترس آهي. پر انهي خاصيت مان ئي سندس عبارت ۾ هڪ خامي پيدا ٿي ٿئي، جو فارسيءَ ۽ هنديءَ جي ڳوڙهن لفظن ۽ محاورن جي ملاوٽ بعضي سندس لکڻيءَ کي دقيق بنايو ڇڏي، — جا حالت سندس همعصر فلسوفاڻي مصنف آسانند مامتورا جي عبارت سان پڻ لاڳو آهي. تنهنڪان سواءِ اڪثر ساڳئي جملي کي اَڌ فارسي ۽ اَڌ هندي طرز ۾ لکيو ڇُوڇُو جو مربو ڪيو ڇڏي. خيالن جي اونهاڻ ڪري به سندس جملا لنبا ۽ پيچيدا بنجو پون، جنهن ڪري مضمون جو سلسلو سمجهڻ ٿي مشڪل ٿيو پوي. مثال طور، **"سنگيت سار"** ۾ لکي ٿو:- "چئو اوم تت ست. اهي تارون پاروتيءَ جون نسون آهن، جن مان ڪلاونت راڳ درٻن جي اُپديش اَنوسار رس ۽ ڀاو ڪڍيتو ۽ پنهنجي آتش فشان فڪر ۽ اُمنگ کي لرزان آهنگ ۽ آواز عطا ڪري ٿو."

تيرٿ وسنت ١٩٤٠ ۾ **"جواهر جيوني"** ترجمو ڪيو، جنهن لاءِ کيس سرڪاري تعليم کاتي وٽان ١٩٤١ ۾ انعام مليو هو. هيءَ ڪتاب نه فقط جواهر لال نهروءَ جي آتم ڪٿا هئي پر هندستان جي آزاديءَ جي تاريخ تي هڪ مڪمل مقالو هو.

هماءَ" ۽ "سستيءَ سُڃي سڪ". پر منهنجي خيال ۾ عزيز صاحب جا وڌيڪ دلچسپ مضمون مذاقي هئا، جنهن نازڪ کل چرچو پيريل هو: "مقاطعن جو نيلام"، "مان جيڪر ڪارو هجان" ۽ "منهنجي نئين ٽوپي". هن ڳڻڪي ٻه سنڌي مضمون نويسيءَ کي چڱي اوج ڏني. **"مان جيڪر ڪارو هجان"** مان هيٺيون حوالو شاعر صاحب جو نثر تي ضابطو ۽ سندس مذاقي نوع ثابت ڪري ٿو:-

"'ڪارو، ڪارو'، اهو لفظ عام طرح ماڻهن جي دلين ۾ ڌڪار ۽ ٻڇان پيدا ڪري ٿو. ٻڌندڙ اکيون پوريندا پانءِ ته ڪا ڏونگر جي ڏائڻ يا رڻ جي ٻانڀ هنيون تي ڏارين. آئيني ۾ اکيون کولي نه ڏسندا ته سندن منهن تي مانارو آهي يا چٽن جيڏا چڳهه. وري سڀ کان ڪلائيندڙ ڳالهه اها آهي جو هرڪو اڇي چمڙيءَ وارو ٻاڻ کي سهڻن جو سردار پيو سمجهندو ۽ پائيندو ته آءٌ ڪا املهه چيز ۽ ڏِسين جو ڏيئو آهيان. جنهن کي نه خال نه خط، نه روپ نه رنگ، نه قد نه قامت، بلڪ اڻ گهڙئي ڪاٺ وانگيان ٻت جي اڏاوت ٿي ٿري پيئي هونديس، رڳو اَڇاڻ جي آڌار تي ڪريل ڪير جيان ڦيڏڙو پيو لڳندو، ۽ سندس جاري جيڏي ڪاڏي جنهن تي هوند ڏهه ڏيئا وانڪا رکي ٻاري سگهجن، سو به ڪاري تي ائين ڪاهي ايندو جيئن ڍڳو پڳئوءَ تي. اها خبر ئي ڪانه پونديس ته اَڇا ڪارن جا محتاج آهن. تارن جي جوت جو مدار رات جي ڪاراڻ تي آهي. حسن جي دربار ڪارن کان سواءِ اهڙي ٻسي ۽ ڦڪي پيئي لڳندي، جهڙو گنجي جو منهن وارن بنا لڳي يا ڏاڙهيءَ جي ڏاڙهه...

"متين حقيقتن کانسواءِ هيءَ پوئين حقيقت ڪنهن کان به ڳجهي ڪانه هوندي ته هندن جي سورهن ڪلا سمپورڻ اَوتار سري ڪرشن ڀڳوان کي "شيام سندر" سڏيندا آهن، ۽ حضرت محمد صلعم کي "گندم گون" (ڪڻڪ رنگو) ڪري ڪوٺيندا آهن.

جنهنجو ٻه پنهنجي جاء تي ذڪر ڪيو ويو آهي؛ پر پيٽ ڪرڻ لاءِ اُن مان ٻه **"سنڌڙي، سنڌڙي"** گيت مان مثال ڏجي ٿو:-

"سنڌڙي، سنڌڙي، منهنجي ماتا سنڌڙي،
سنڌڙي، سنڌڙي، پيرن سنتن جنڊڙي،
سنڌڙي، سنڌڙي، اُڏيري، خضر مندري،
موڪليم ماتا دريا شاهه بندري.
سنڌڙي، سنڌڙي، منوهر سندري،
عنايت، لطيف، ساميءَ چندري.
سنڌڙي، سنڌڙي، پڇيئي نه ٻنڌڙي،
سنڌڙي، سنڌڙي، ڏکيئي نه اوُندري.

تنهنڪان پوءِ، بحر وزن بنا، صرف قافين جي مدد سان ٽرنم واري نثر جو نمونو، **پروفيسر ڪرشن ڪرپالاڻيءَ** جي ٽاگور تان ترجمو ڪيل گيت **"شاهه جهان"** (١٩٣٥) مان ملي ٿو، جنهنجو ذڪر ٻه اڳي ڪيل آهي، ۽ جنهن مان هيءُ حوالو ڏجي ٿو:-

"اي شاعر شاهنشاهه!
هن سنگ ۾ سانڍيل آهه
تو دل جي تصوير:
هي بيحد بي نظير.
آهه تنهنجو نئون 'ميگهه دوت'
عجيب اڏ پوت،
جو آلاپ جي ارواح تي آهه اُسريل،
غيب ڏانهن لڙيل،
جت پياري تو وڇڙيل
آهه ملپل،
پرڀات جي سونهري سينگار سان

لکيل ڪتاب "مخزن صحت" تان ورتل هو، ۽ منجهس ڪيترن ئي نندن خواهه وڏن مرضن کي روڪڻ توڙي علاج ڪرڻ لاءِ سادا ۽ سهڄ نسخا ڏنل هئا.

## (۴) تواريخي ڪتاب

آڳاٽن تواريخي ڪتابن مان هڪڙو، جنهنجو ذڪر پهرئين فصل ۾ ڪيو ويو آهي، سو هو **ديوان اُڌارام چانڊومل ٿڌاڻيءَ** جو **"ميرن جي صاحبي جي آخرين ڏينهن جو احوال"**، جنهن موضوع تي هن صاحب ۱۸۹۶ ۾ حيدرآباد وڪٽوريا لئبرريءَ ۾ تقرير ڪئي هئي، ۽ جنهنلاءِ حقيقتون منشي آوتراءِ صاحبراءِ ملڪاڻيءَ کان ورتيون هئائين، جو تن ڏينهين مير صوبيدار خان جو منشي هوندو هو. هيءُ مقالو پهرئين "پرڀات" اخبار ۾ ڇپيو هو، ۽ منجهس حيدرآباد شهر جي بنياد، ميرن جي احوال، ۽ سنڌ ۾ انگريزن سان مياڻيءَ ۽ دبي جي جنگين ۾ شڪست سان گڏ، ميرن جي رهڻي ڪرڻيءَ، ملڪي ڪاروبار، واپار ۽ رعيت سان ورتاءُ بابت تفصيلوار بيان ڏنل هئا. تنهنکانپوءِ **پرمانند ميوارام** پنهنجي "جوت" اخبار ۾ **"مياڻيءَ جي جنگ"** نالي (۱۹۲۵) انگن اکرن سميت هڪ مضمون لکيو هو، ۽ پڻ ٻنهي جنگين بابت هڪ انڌي مڱڻهار جا سرندي تي ڳايل بياني بيت ڇپيا هئائين. مٿيان ٽيئي اسر گڏي، ديوان هوتچند چانڊومل ۱۹۳۸ ۾ **"سنڌ جا مير"** نالي سان ڪتابي صورت ۾ ڇپايا هئا، جنهنم مياڻيءَ جي جنگ جو نقشو ۽ مورتون به ڏنل هيون. هن سلسلي ۾ ٻيو تاريخي ڪتاب **حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ** جو **"مير نجي صاحبي"** هو، جنهنم هن نيٺ سنڌي ٻوليءَ جي صاحب ۽ خدمتگار، ميرن جي حڪومت جو سنو پاسو ڇني اُن مان رعيت کي فائدا ڏيکاريا هئا ۽ اُنجي موٽي اچڻ لاءِ خواهش ڏيکاري هئي. حڪيم صاحب لکيو هو:-

"سبحان الله ڪهڙي ڳالهه ڪجي رهت جي! راڄ مهاڄڻ جو پاڻ

"**تاريخي مضمون**" پڌرو ٿيو، جنهن "جوت"، "سندو" ۽ "هندو" اخبارن ۾ پيل ليک ڪٺا ڪري ڪتابي صورت ۾ آندا ويا هئا، ۽ جنهن لاءِ کيس سرڪاري صلاحڪار بورڊ وٽان انعام جڙيو هو، هنن مضمونن ۾ سنڌ جي اتهاس جي ڦولهه ۽ ڇنڊڇاڻ ڪيل هئي، جنهن لاءِ **پرنسيپال هوتچند گوبخشاڻيءَ** مهاڳ ۾ لکيو هو: "پروفيسر ڇيتن ماڙيوالا سنڌ جي اتهاس جو اونهو ابياس ڪيو آهي ۽ ڪن اهم مسئلن تي کوجنا ڪري نئين روشني وڌي اٿس... هر هڪ مضمون تصديق ٿيل حقيقتن سان ڀرپور آهي ۽ نهايت سليس مگر مائيدار عبارت ۾ لکيل آهي. ڪتاب جي پڙهڻ مان نه فقط علمي خزاني جي واڌاري ٿيڻ جو امڪان آهي، پر لطف ۽ مزو به حاصل ٿئي ٿو."* ۱۹۴۷ ۾ **لوڪناٿ جيٽلي** جو "**هندو ساهراجيه**" (ڀاڱو ۱) نڪتو، جنهن شيواجيءَ جي اڳوانيءَ هيٺ مهاراشٽرا ۾ سامراج برپا ڪرڻ جي اتهاس جو آرنڀ ڪيل هو، ۽ اُنجي عبارت هنديءَ ڏانهن مائل هئي.

**ايم. آر. مائيداساڻيءَ** هندستاني تاريخ تي ٻه ڪتاب لکيا هئا: "**سچ ۽ پاڇا**" (۱۹۴۴) جنهن ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي حڪومت هيٺ، ۱۸۵۷ جي انقلاب تائين، انگريز عملدارن جي ڏاڍاين جا احوال ڏنل هئا، ۽ "**ست سورما**" (۱۹۴۶) جنهن اُن پهرينءَ آزاديءَ جي جنگ ۾ لڙندڙ ستن سورمن جا بيان ڪيل هئا. اُهي سورما هئا: ناناصاحب، بهادرشاهه، زينت محل، لڪشمي ٻائي، ڪمار سنگهه، احمد شاهه ۽ تانتيا ٽوپي. ۱۹۴۷ ۾ مائيداساڻيءَ "**مظلوم سنڌ**" لکيو، جنهن سڪندر اعظم جي ڪاهه کان وٺي پاڪستان ٺهڻ تائين سنڌ جي سربستي تاريخ ڏنل

* هندستان ۾ اچڻ کانپوءِ ۱۹۴۹ ۾ هن ڪتاب جو ٻيون ڇاپو نڪتو هو؛ ۽ پڻ ماڙيوالا صاحب جا ٻه وڌيڪ تاريخي مضمونن جا مجموعا "**اتهاسڪ چتر**" (۱۹۵۰) ۽ "**وچتر ورق**" (۱۹۵۱) شايع ٿيا.

هو ته انهن ڇهونين رسمن جي معنيٰ ۽ مراد ڇا آهي، ۽ چالو زماني ۾ انهن مان ڪهڙيون بند ڪجن ۽ ڪهڙيون قائم رکجن؛ ٻي چونڊي هئي **"ريتين رسمن جو بنياد"**، جنهن ۾ هڪ وڻندڙ آکاڻيءَ جي ذريعي، ڄمڻ کان وٺي مرڻ تائين جيڪي هندڪيون ريتيون هلندڙ آهن تنجي بنيادن جي خبر ڏنل هئي ته اهي ڪئن شروع ٿيون. ١٩١٩ ۾ ڀيرومل صاحب **"عاملن جو احوال"** ڇپائي پڌرو ڪيو، جنهن مختصر ڪتاب کي پوءِ وڌائي ۽ منجهس ڀائيبندن جو احوال پڻ گڏي، ١٩٤٦ ۾ **"سنڌ جي هندن جي تاريخ"** (ڀاڱو ١) ڇپايائين، جنهن ۾ الف-بي-وار، آڏواڻين ڪانوني نوتاڻين تائين، ڪيترين آکهين جا شجرا ۽ مکيه ڀاتين جا تفصيلوار احوال فوٽن سوڌا ڏنا ائين. هن ڀاڱي جو مهاڳ، سنڌ ۾ **"هندن جي صاحبيءَ جي تاريخ"** پراچين اتهاس جو هڪ بي بها ڀاڱو آهي، جو سنڌ جي هاڻوڪين پنگتي حالتن تي به چڱي روشني ٿو وجهي. هندن جي تاريخ جو ڀاڱو ٢، ١٩٤٧ ۾ نڪتو، جنهن ۾ باقي رهيل آکهين جا احوال، آسواڻين ڪانوني هنگوراڻين تائين، ڀڃاڙيءَ ۾ هندن جي لڏ پلاڻ سوڌو ڏنائين. هن ڀاڱي جو شاهي مهاڳ **"آڳاٽو سنڌ سماچار"** ته خود هڪ ڪتاب ٿي پيو، جنهن ۾ حيدرآباد، ڪراچيءَ ۽ ٻين وڏن شهرن جون تاريخون ڏنل هيون، ۽ سنڌ جي عاملن، ڀائيبندن، ۽ عورتن جي ترقيءَ جا احوال خاص دلچسپ هئا. قابل مصنف جي دعويٰ تحقيق سچي آهي ته، "هيءَ هڪ نئين نموني جي پنگتي تاريخ آهي، جنهنجي جوڙڻ لاءِ هيتري مشاڪت ڪئي اٿم. اهڙو ڪتاب سڄي هندستان ۾ بنگالين، مرهٽن، گجراتين يا ٻين اڄ تائين ڪونه ڪڍيو آهي." هيءُ پستڪ نه فقط سنڌي ساهت جي هن اعليٰ هستيءَ جو آخرين يادگار رهندو، بلڪ سنڌي هندن جي اتهاس کي پڻ امر رکندو، جو سنڌ ۾ شايد سگهو ئي وسري وڃي، پر هنتي هندستان ۾ وسارڻ نه ڏينداسون.

جو پروفيسر ڪيسواڻيءَ بيدل صاحب جي وحدانيت جي ڪلام تي شنڪا اُٿاري آهي.

”نرمل جيتواڻيءَ تي پروفيسر ڪيسواڻيءَ جو مضمون هڪ مرثيو ۽ محبت جو اظهار آهي، جو پريم ۾ رنگيل آهي. انڪري سندس شعر ۾ ڪا به ڪوتاهي ڇاهي هجي يا نه هجي، پر گهٽ نه ڪئي ويئي آهي ۽ سندس ڪوتا جي مذرتا ۽ سندرتا تي گهڻي پريم جي پلٽ پرسڌ آهي. مگر اُن ڪوتا کي جو داد ڏنو ويو آهي، تنهنجو نرمل جيوتاڻي هر طرح اڌڪاري آهي... سندس شعر ۾ نظم جي عارضي قاعدن جي لحاظ کان ڪو قصور هجي به، مگر شعر جو درست پيمانو ۽ حقيقي جوهر مدنظر رکڻ سان پتو پوندو ته نرمل واهه جا سليس، سندر ۽ سوز ڀريي ڪوتا مٺن شبدن ۾ رچي پڌري ڪئي آهي.

”ڪماري ڪملا ڪيسواڻيءَ اسان جي هردلعزيز 'عزيز' شاعر بنسبت پنهنجن خيالن موجب، اُنجي شعر تي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي آهي، بلڪ اُن جي شخصي زندگيءَ بنسبت پڻ ڪي رايا ظاهر ڪيا آهن، جيڪي ڪنهن به حالت ۾ ضروري نه هئا. عزيز جا ڀهريان شعر جيڪي ديوان (ڪليات) عزيز ۾ لکيل آهن، تن ۾ برابر پارسي ۽ عربي اينتري ته ڪم آندل آهي، جو رواجي پڙهندڙ ته دنگ اچي ويندو؛ پر سندس شعر جيڪو پوءِ جو لکيل آهي، تنهن ۾ هن ڪوشش ڪري سليس ۽ صاف سنڌي لکي آهي... اُئين هجي به ته ڪي شعر هرويرو انهيءَ عروج جا نه به هجن پر انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته عام طرح سندس خيال اوچا ۽ اُمنگ عمدا آهن. سندس شعر جي ڪٿ شاعر طبع ئي پوريءَ طرح ڪسوٽيءَ تي لڳائي سگهندا... مس ڪملا ڪيسواڻي اسانجي خيال موجب پورو پورو داد اسان جي شاعر کي نه ڏنو آهي؛ پر اُن ۾ شڪ ڪونهي ته هن شاعر جا خيال پنهنجي دماغي ڪسوٽيءَ تي آندا آهن ۽ وڌيڪ ڪوجنا ڪرڻ جو مصالح ڏنو آهي.

هڏ انهن شعرن جو پورو ڇنڊ آهي. يعني اهڙائي شعر اي معنيٰ ۽ بي مغز ڇنڊيا آهن. وري عجب جو پروفيسر صاحب اهڙن شعرن تي ائين مست آهي جيئن چري ٻار تي. رواني به اهو شاعر رکي سگهندو جنهنکي صحيح تلفظ ۽ چست بندش ۽ وزن جي پوري ڄاڻ هوندي ... پروفيسر ڪتاب ۾ عزيز صاحب جي شعر ۾ رواني ڪانهي جي ٻاڪار لائي ڏني آهي، مگر هڪ به مثال اهڙو پيش ڪونه ڪيو اٿس جنهن ۾ پڙهڻ سان تعقيد پوي ۽ ڇنڊجي ته روانو شعر ڪونهي. تلهو ڇڏو وڃي گهٽو ...

"عزيز صاحب جي جنهن مربع ۽ "دواڪر" واري شعر تي پروفيسر داد ڏنو آهي سي ته عزيز صاحب جا ابتدائي شعر آهن. پلا پروفيسر صاحب ۾ اعليٰ شعر سمجهڻ جو مادو هجي ته قدر ڪري سگهي ... پروفيسر ڪيسواڻي صاحب عزيز جي هن بيت تي اعتراض ڪيو هو، فعل سو سنڌي آهي باقي ٻولي سا فقط ايرانين جي ملاحظي جي قابل آهي. هن مان ظاهر آهي ته پروفيسر صاحب بيت جي معنيٰ ڪانه سمجهي آهي جا سنڌس سمجهڻ لاءِ ڏني وڃي ٿي." (اني اُنهن اعتراض ورتل بيتن ۾ آيل ڏکين فارسي لفظن ۽ محاورن جون معنائون ۽ بيتن جي شرح ڏنل آهي.) "سچ ته هيئن آهي ته جيڪڏهن شعر سمجهه ۾ نه اچي ته پاڻ ۾ جهاليت محسوس ڪرڻ کپي ۽ نه شاعر تي ويهي اجائي تنقيد ڪجي."

هن تاريخ لکندڙ کي خليل صاحب جو مٿيون دليل عجيب ٿو لڳي. جيڪڏهن ڪو شعر نه فقط عام پڙهيل ڳڙهيل ماڻهوءَ کي، بلڪ پروفيسر ڪيسواڻيءَ جهڙي فارسيءَ ۾ تعليم ورتل ۽ تعليم ڏيندڙ، پاڻ کي به سمجهڻ ۾ نه اچي، ته اها پڙهندڙ جي جهاليت ٿي! باقي تڏهن شعر سمجهڻ وارا ٻيا ڪير؟ مونکي انديشو آهي ته اهڙا دقيق شعر عزيز صاحب کان ڪجهه گهٽ معيار وارا شاعر به شرح ڪانسواءِ ڪين سمجهي سگهندا، ۽ صرف لکندڙ ئي پنهنجو شعر سمجهڻ لاءِ رهجي ويندو! منهنجي نظر

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
| --- | --- | --- | --- |
| ١٦٦ | ٢٤-٢٥ | تيرٿداس واڌومل | تيرٿداس واڌواڻيءَ |
| ١٦٨ | ٧ | جنهن پڏي | پُڏي جنهن |
| ١٨٤ | ٤ | ”هڪڙي رات“ | ”هڪ رات“ |
| ١٨٥ | ١ | سريو پون | مريو پون |
| ١٨٦ | ٢٢ | ڪانه هئس | ڪانه هئي |
| ١٨٧ | ١٦ | اِبس | اِبسن |
| ١٨٨ | ١٥ | سندس ٻيون ناٽڪ | پنهنجو ٻيون ناٽڪ |
| ١٩٠ | ١٩ | جنهن | جنهن ۾ |
| ١٩١ | ٥ | ڇيري | ڇيدي |
| ١٩٢ | سرو | فصل چوٿون | فصل پنجون |
| ” | ٨ | پنگتيءَ نئيا ناٽڪ | پنگتي نئيا ناٽڪ |
| ١٩٣ | ٢٣ | ٻيو صندلن | ٻيو ته صندلن |
| ١٩٩ | ١ | ديارام سپاٽيءَ | ديارام سپاٽيءَ |
| ” | ٦ | ١٩٢٥ ۾ | ١٩٣٥ ۾ |
| ٢٠٢ | ١٢ | ڇپيو هو | گمنام ڇپيو هو |
| ٢٠٥ | ٢٦ | ٿانءَ جو | ٿانءَ جو |
| ٢١٢ | ١٤ | ”نئين دنيا“ ۾ پيو هو | ”نئين دنيا“ نالي پيو هو |
| ٢١٥ | ٩ | گاريون | گاري |
| ٢١٧ | ١ | ۽ انگريزي ادب ۾ | انگريزي ادب ۾ ۽ |
| ” | ١٨-١٩ | شاديءَ وري عشق | شاديءَ واري عشق |
| ٢١٩ | ٧ | فلسوفون | فلسوف |
| ٢٢٠ | ٢٣ | پر حقيقت | پر حقيقت ۾ |
| ٢٢٤ | ١٥ | ليڊيٽر | ليڊ ايڊيٽر |
| ٢٢٦ | ٩ | ٻڙودا جيل | يڙودا جيل |

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
| --- | --- | --- | --- |
| ۳۴۸ | ۱۵ | ته آهيڻي پاڻ (وڌيڪ سٽ پوي:-) | ته هه شيون ساڳي جاءِ ڪين والاريندين؛ ته جيڪڏهن هو جتي ڪٿي موجود آهي ته آهيڻي پاڻ. |
| ۳۵۱ | ۲ | رسالي شاهه صاحب | رسالي ۾ شاهه صاحب |
| ۳۵۲ | ۲۳ | مبيلا ٿيءَ | مبتلا ٿيءَ |
| ۳۵۳ | ۶ | سنڌا سُوهڻو | سينڌا سُوهڻو |
| " | ۱۸ | پسند ٿي | پد ٿي |
| ۳۵۵ | ۵ | مهاڳ ۾ ٽيڪا | مهاڳ ۽ ٽيڪا |
| ۳۷۹ | ۱۲ | Mamme | Mummy |
| ۳۸۲ | ۲۳ | ڏيکاريا هئا. | ڏيکاريل هئا. |
| ۳۸۴ | ۶ | پيار ۽ شادي | پيار جي شادي |
| ۳۸۵ | ۱۷ | بدرا 'وڌوا' ۽ همت | بدران 'ودوا' ۽ همٿ |
| ۳۸۹ | ۵ | جون تبديليون | ۾ تبديليون |
| ۳۹۳ | ۲۳ | گٽن جي ڪان | گٽن جي ڪاڻ |
| ۳۹۸ | ۶ | ڀورين ڀاڳ ۾ ۽ | ڀورين ڀاڳ ۾ |
| ۴۰۰ | ۱۱ | مگر نه | مگر سنڌس |
| ۴۰۹ | ۲۶ | تذڪرا ڏنل هئا | تذڪرا ڏنا هئا |
| ۴۱۱ | ۱۷ | سٽو ٽر | سوُ ٽر |
| ۴۱۴ | ۳-۴ | نثر تي نظم | نثر تي نظر |
| " | ۲۵ | جي ادبي تاريخ | جو ادبي تاريخ |
| ۴۱۵ | ۲ | "تذڪره لطيفي" | "تذڪره لطفي" |
| " | ۲۴ | " | " |